


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نيڻن جي اُگر ۾

عبدالغفار 'تبسم'

مهراڻ پبليشرز ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ڇاپو: ڊسمبر ١٩٩٦ع
تعداد: هڪ هزار
ملهه: سٺ رپيا
ڇاپيندڙ: آزاد ڪميونيڪشنز- ڪراچي
ڇپيندڙ: مهراڻ پبليشرز ڪراچي

All rights are reserved
"Neinan jay Aagor Main"
(In the Corridore of Eyes)
Frist Edition: Dec: 1996
Copies: 1000
Published By: Mehran Publishers, Karachi
Price: Rs.60/=

**ملڻ جا هنڌ**

(١) شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو، حيدرآباد
(٢) فليٽ نمبر ٢/٣ بلاڪ P
معمار ڪمپليڪس، اسڪيم-٣٣
سپر هاءِ وي ڪراچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

تنهن متيءَ جي نانءِ-
جنهن مان منهنجي جيجيءَ جنم ورتي
مون کي جنميو ۽ مان اُنَ جَنَمَ جي پَرَمَ لاءِ
اڃان جيونَ کي جهاڳيندو رهان ٿو.

ع- غ ’تبسم‘

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سٿاءُ


| | | |
|---|---|---|
| مهاڳ | تاجل بيوس | 9 |
| ٻه لفظ | سلطانه وقاصي | 19 |
| مٽر سرن جو سرجڻهار | آثم ناتنشاهي | 24 |
| اندر جي اور | ع غ تبسم | 31 |
| قطعا | 114 | 33 |
| غزل / گيت / نظم | 37 | 79 |
| نثري نظم | 6 | 135 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تبسم جا استعارا ۽ ڪيلاش جا آبشار

اِها حقيقت آهي ته ڪوتا ديوي گهونگهٽ هٽائي، چير چمڪائي، اک اک سان ملائي، جڏهن ڪنهن شاعر وٽ اچي پرگهٽ ٿيندي آهي ته شعر سخن جا سهسين سج اڀاري ويندي آهي. ذات جي ڏيه ۾ گل ٽڙي پوندا آهن. قطري مان آبشار ۽ پٿر مان پهاڙ پيدا ٿيندا آهن. ان ڪوتا ديويءَ کي ريجهائي پنهنجو ڪرڻ اڪَ مان ماکي لاهڻ ناهي، پر رات ڏينهن جي تخليقي جاکوڙ جو ئي نتيجو آهي.

هن ڪتاب جو مواد پڙهندي، مان سمجهان ٿو ته اسان جي غفار تبسم هرٽيءَ کان وڌ تاهڙ، اک ڇنڀ ۾ گم ٿي ويندڙ، خوابن ۾ به نقاب اوڍيندڙ، اُها مرڪٽي، سدا ملوڪڙي، نچڻي ۽ جرڪٽي ڪوتا- راڻي ماڻي ورتي آهي، جا زلفن ۾ رابيلن جا گجرا سجائي، ڇاتيءَ ۾ سندوءَ جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجيون لوچون ۽ سوچون سڄي عمر جون
تنهنجن نيڻن جي آگر ۾ ترسي پيون
مون کان ماڻهن پڇيو، ڪٿ ڇڏيون ٿو وتين
مون وراڻيو! اُتي ئي جتي جون هيون.

'تبسم'

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لهرون لڪائي، نڪ ۾ قلي پائي، اکين ۾ الماس ڪٽي. ناز مان نهاري، ڪويءَ تي قرب ڪري، اچيو تبسم جي اوتاري ۾ ذات جا ڏيئا جلائي.

عبدالغفار تبسم ۽ استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي دنيا ۾ وکن ڪڻ وارو شروعاتي سفر لڳ ڀڳ هڪ جهڙو ئي لڳي. محبوباڻيءَ مرڪ تي لکي، مٺيءَ هاڻي ماٺهوءَ تي لکڻ، حسن ۽ مجاز جي واٽ وٺي، سماج جي اجتماعي ميڙاڪن تائين پهچڻ ۽ پوءِ هِن وشال ڌرتيءَ جي ڪليل ڪتاب جا ورق ورائيندي، پنهنجي مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي جي آڌار تي سچڻ ۽ ساڻيهه سان سلهاڙجي وڃڻ.

شاعريءَ ۾ وزن جي پختگي به اوتري ئي ضروري آهي، جيتري فڪر جي گهرائي، جماليات، موضوعن جي چونڊ ۽ ترقي پسنديءَ جا نت نوان لاڙا. غفار تبسم جي شاعريءَ ۾ مون کي ٿوري وزن جي شڪايت پئي رهي آهي، جنهن کي هڪ نه پر ٽن طريقن سان ڪمال جي حد تائين پهچائي سگهجي ٿو. پهريون طريقو علم عروض جي بحرن مطابق وزن درست ڪرڻ وارو آهي. ٻيو طريقو ڇندو وديائي هڪ حرفي ۽ ٻه حرفي ماترائن وارو آهي. هڪ حرفي اصول کي 'لگهه ماترا' ته ٻه حرفيءَ کي 'گُر ماترا' چيو ويندو آهي.

لگهه ماترا جو حرف متحرڪ ۽ گُر ماترا جو هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حرف متحرڪ ۽ ٻيو ساڪن ٿيندو آهي. قاضي قادن جي ١١٢ لٿل بيتن مان هڪ بيت جي سٽ هن طرح آهي:

ڏينهن لٿو سنجها پئي، اڳيان آئي رات.

لگهه ماترا لاءِ (٨) نشاني ۽ گُر ماترا لاءِ (ـ)نشاني ڪتب ايندي آهي. اسان اڳي ئي لکي آيا آهيون ته گُر ماترا لاءِ ٻه ماترائون ڳڻيون وينديون آهن. هڪ متحرڪ ۽ ٻي ساڪن- هندي دوهي يا سورٺي جي پهرئين پد (Syllable) يا ٽُڪ ۾ ١٣ ماترائون ۽ ٻئي پد ۾ ١١ ماترائون ٿينديون آهن. هاڻي اچو ته مٿينءَ سٽ جو وزن پرکيون:

ڏينهن لٿو سنجها پئي، اڳيان آئي رات

٨-- ٨ .----، ٨٨----٨

١٣ ١١-٢٤

وزن جو ٿيون طريقو آهي، هارمونيم جي سُرن جون ماترائون آڱرين تي ڳڻي، وزن درست ڪرڻ. هن ٻيري ڪينجهر ڪناري رات جو ٻي وڳي ڏاران غفار تبسم شعر ٻڌايو ته منهنجي بحر وزن واري شڪايت گهٽي يا گهٽي ملياميٽ ڪري ڇڏيائين. جنهن جو خاص سبب سندس هٿن جو بار، بار هارمونيم جي سُرن کي ڇُهي، آروهي ۽ امروهيءَ جي مشق ڪرڻ تي سگهي ٿو.

مون هن مهاڳ جو عنوان لکيو آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"تبسم جا استعارا ۽ ڪيلاش جا آبشار"

واقعي غفار جي ڪوريءَ ڪوتا مان ڪيلاش جا آبشار ۽ لڪيءَ جا چشما ڦٽي ٿا نڪرن. استعارو (Metaphor) شعر توڙي نثر ۾ اهم جاءِ والاري ٿو.

فقط شعر جٺي سگهڻ ڪمال ناهي. ڪمال ان ۾ آ، ته شاعر ڪهڙي خوبصورتيءَ سان پنهنجين تخليقن ۾ علامتن، تشبيهن، استعارن ۽ تمثيلن کي ڪتب آندو آهي. انگريزي لغت "A concis‹Oxford Dictionary of Literary terms" ۾ استعاري جي وصف هن طرح ڄاڻايل آهي:

"استعاري وسيلي ڪنهن شيءِ خيال يا انساني سرگرميءَ کي ڪنهن ٻئي خيال يا انساني سرگرميءَ سان ڀيٽيو يا پرکيو وڃي، يعني استعاري جو مشابهتي اظهار هڪ خيالي وجود رکندڙ هجي ٿو." هڪ ٻئي هنڌ استعاري بابت هيٺن چيو ويو آهي: "هڪ اهڙو اظهار، جنهن ۾ ڪو جملو يا ترڪيب (Phrase) ڪنهن اهڙي شيءِ بابت چيو وڃي، جنهن تي اهو جملو يا اصطلاح لغوي يا لفظي معنيٰ ۾ مطابقت رکندڙ هجي." مطلب فقط هڪ جهڙائي (Resemblance) جو هوندو آهي.

مثال طور: (۱) مومل سونهن جي ديوي آهي

(۲) ڪويءَ جي ذات مان گل ترڙي پيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استعارا اسمن، فعلي صورتن، صفتن ۽ پهاڪن ۾ هوندا آهن.

(۱) هُن واين جون مشعلون جلائي ڇڏيون آهن. هتي ”واين جون مشعلون“ اسم جو استعارو آهي.

(۲) خير ته آهي، ڳلن تي ڏبَ نڪري آيا اٿئي؟ هتي ”ڏب نڪري اچڻ“ فعلي صورت وارو استعارو آهي.

(۳) هن جا ڳلِ ڪاراتيل آهن. هتي ’ڪاراتيل‘ صفت وارو استعارو آهي.

(۴) ڪم نه پيو ڪرين، جڻ سج کي ڏيئو پيو ڏيکارين. هتي ”سج کي ڏيئو ڏيکارڻ“ پهاڪي يا اصطلاح وارو استعارو آهي. لطيف جي شاعريءَ ۾ استعارن جا مثال هن طرح آهن:

(۱) سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر
(۲) ڳالهيون پيٽ ورن ۾، وڏي وڻ تيون.
(۳) سوئي پارج مڇ، جو آتشان آب ٿئي
(۴) پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي

هاڻي اچو ته غفار تبسم جي هن ڪتاب ۾ استعارن کي ڳولهي ڦولهي اجاگر ڪيون

(۱) الفت تنهنجي آڇي مونکي اشڪن جي آلاڻ
نينهن تبسم روز چڪائي نيرن جي ڇهراڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) اڄين ها تہ اڏمام اُلا ٿي پون ها
اُڱهين ها تہ ڳوڙها ڳڙا ٿي پون ها

(٣) اڪ لُڇي، پنبڻيءَ پڇيو: ڇو، ڇا سبب
هوءَ ڪڇي، ڇنڊي هٿڙ جون ڪوششون
تانگھ ٿهڪي ڇيو تہ پاڳل پئي ڪري
لوھ ۾ ڪنڊي هٿڙ جون ڪوششون

(٤) اگ ۾ ٿي سوچ جي مان آهيان پل صراط تي
ويتر او دردا! تون اهو اوتر ڪنيون نہ آءَ

مٿين شعرن ۾ "اشڪن جي آلاڻ"، نيرن جي ڇهراڻ"، "اڏمن جو اُلا تي پوڻ"، "ڳوڙهن جو ڳڙا تي پوڻ"، "اڪ جو لُڇڻ،" لوھ ۾ ڪنڊا هٽڻ،" "سوچ جي پلصراط" ۽ "درد جو اوتر ڪٽي اچڻ"
سڀ جا سڀ مختلف قسمن جا استعارا آهن.

هي بہ شعر پڙهو:

سانجهيءَ تاٽي سرجن تا پيا سپنا اکين ۾
اُپ ڪان ڪيڏا اُڏري پهتا سپنا اکين ۾
ياد- نگر جا آڏا ترڇا عڪس هئا جن کي
جيئن، جيئن مهٽيو تيئن ڦٽي پيا سپنا اکين ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برکا بسنت رُت جون ڏُني پئي بشارتون
ڪَرَ موڙي ڪِرڻا ڏين، ولڻ پيا مبارڪون
لوڪو! ورهايو ڪنڌ، ڪٿو گهنڊ ٻاڪ جو
پن چڻ پڇاڻان پهتيون وستيءَ ۾ رونقون

پولار ۾ گونجن تا پڙلاءَ، ڪوئي آهي
ٻڌجن تا غفائن ۾ غوغاءَ، ڪوئي آهي.

جنون، جوش، جذبا، جوالا ڪنداسين
ٻُوٽيون، ماس ٻاري مشعالاڪنداسين
رڳو پڪ پرين ڏي تون پنهنجي اچڻ جي
اسان تي چڏي ڏي تہ ڇا ڇا ڪنداسين.

متين شعرن ۾ نہ رڳو روهيڙي جي گلن جهڙا استعارا
ڦُٽا بيٺا آهن، پر فڪري ۽ قطعا بہ تخليقي خوبين سان مالا
مال آهن.

رڳو پڪ پرين! ڏي تون پنهنجي اچڻ جي
اسان تي چڏي ڏي تہ ڇا، ڇا ڪنداسين.

محبوب کي ڀليڪار ڪرڻ لاءِ شاعر جي متين سٽن
جو جواب ناهي! ”سپنن جو اکين ۾ سرجڻ، ”سپنن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين ۾ ڦُٽي پوڻ،" رُت جون بشارتون ڏيڻ،" "ڪرڻن جو ڪَر موڙڻ"، "باک جو گهنڊ"، "پڙلاءُن جو گونجڻ"، "غفائن ۾ غوغاءَ ٻڌڻ،" "ماس ٻاري مشعالا" ڪرڻ اهڙا ته استعارا آهن، جن ۾ ڪي ترڪيبون زنده شاعريءَ جا اهڃاڻ ٿيون لڳن. استعارا غفار جي شاعريءَ ۾ ماڪيءَ جي لارن وانگي ٽپڪي رهيا آهن. جيئن ته هن مهاڳ ۾ غفار جي شاعريءَ جي هڪ خوبيءَ يعني: "استعارن" کي اُجاگر ڪرڻ آهي، اُن ڪري اچو ته هن ڪتاب مان ڪي ٻيا استعارا به ڳولهي لهون:

آئيني ۾ جهلڪا ڏيڻ،
گلابن جون ٻليون،
فضائن ۾ ڪوڪا ۽ ڪنڌا پوڪڻ،
چيٽن جا خواب سجائڻ،
خون جي بارش وسڻ،
دل ۽ نيڻن جو آڳر،
سرخاب جو جاڳي پوڻ،
ذرتيءَ سان راڳا ڪرڻ،
عڪس کي نڪ ڦُليءَ تي چٽڻ،
خواهشن جا لاشا،
سُرور جا خمار،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سارُوڻيون اُتلي پوڻ،
ٻنگ ۾ نير جهلڻ
۽
ڳڳن تي گيت ٻُڌڻ.

ڏسو ته تبسم جڻ چُڪ تي ويهي سنڌ جي سهڻين لاءِ گهڙا جوڙيا آهن ۽ پوءِ مٿن چٽسالي ڪري، من کي موهي ڇڏيو آهي!

اسان شاعر مطالعي، فطرت جي حسن ۽ پنهنجن تجربن مان اتساهه وٺڻ سان گڏ اڪابر دوستن ۽ جهونڙن ڏاهن مان به اُتساهبا آهيون. تَنُ ۽ مَنُ صاف رکندڙ دوست احباب، جن کي اسان پڳ مٽ يار چوندا آهيون، ڪن ڳالهه ڳٺين ياڳوندن کي نصيب ٿيندا آهن. لطيف جا فقير ۽ بالڪ خود لطيف جا دوست به هئا. وردس ورٿ وٽ سندس پوين ڏهاڙن ۾ ليڪ ڊسٽرڪٽ ۾ سندس دوستن، شاعرن ۽ پرستارن جا هشام لڳل هوندا هئا. اُستادبخاري به ادبي اتالي سان ڏنو ويندو هو. مون وٽ ڪيترا دفعا اِن روپ ۽ رنگ ۾ اچڻ جا قرب ڪيائين، جن ۾ رزاق سهتو، رمضان نَول، انعام شيخ، اياز جاني، غفار تبسم، رڪيل مورائي، آسي زميني، شان ڏهر ۽ ٻيا هوندا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متين ۽ حقيقت کي سامهون رکي، مون ڏٺو آهي ته غفار تبسم ۾ شعر جي فروانيءَ جو راز دوستن، راڳين ۽ ڏاهن جي سنگت ۽ سندس شفقت ۾ آهي. اهو ئي سبب آهي، جو تازو اسان ڪينجهر ڪناري، لڙيءَ رات جڏهن غفار کي پڙهو ته هن استاد بخاريءَ جون سڪون تي لاٽيون، جنهن لاءِ مان چئي ويٺو هئس:

سڪون تو لاهين، آرياڻيءَ اُستاد جون،
ڪيچ نٿو ڪاهين؟ لاهه نه بارُ ڀنڀور ۾.

غفار، انعام، رزاق ۽ حنيف کي ڪينجهر ڪپن تي تيلار ڪندي ڏٺم، ته چئي ويٺو هئس ته پنهنجن ۾ هر ماڻهو ڪهڙو نه سٺو ٿو لڳي! اُن وقت مون کي مرگلا پهاڙين وچ ۾ اسلام آباد جا پوائنٽا منظر ياد اچڻ لڳا هئا ۽ لطيف جو هيءُ بيت جهونگاريو هيم:

وڳر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهنان ميٺ گهڻو.

A-3 پايونيئر هومز
ڪي- ڊي- اي اسڪيم نمبر-٣٣
سُپر هائي وي، ڪراچي. (سنڌ)

**تاجل بيوس**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻه لفظ

اڄ جڏهن قلم کي هٿان ڇڏيندي ٻيو ورهيه پيو هلي، ان ويل ياءُ غفار تبسم جو اهو چوڻ ته ادي اوهان مون کي منهنجي نئين ڪتاب لاءِ ڪجهه لکي ڏيو، ته ان ويل ناڪار ته نه ڪيم پر هڪدم هاڪار به نه ڪري سگهيس. اڄ تيون ڏينهن آهي سامهون شوڪيس تي اهي شعرن جا ڪاغذ پيا آهن جن کي مون ڇاڻي واٽي ائين سامهون رکيو آهي جيئن مون کي هر وقت اها يادگيري رهي ته ها مون کي ڪجهه لکڻو آهي. غفار تبسم هڪ اديب، هڪ شاعر، هڪ ليکڪ، جنهن جي اها خواهش ضرور هوندي ته سندس ڪتاب جي متعلق لکيل ڪجهه لفظ اهڙا هجن جنهن مان شاعر يا اديب جي لکيل شين جو پس منظر واضح ٿئي. اهو پس منظر جنهن ۾ شاعر لکي ٿو، اڄ ڪلهه اهڙو هيبتناڪ ۽ خطرناڪ ٿي پيو آهي جو لکڻ تان ارواح ئي ڪڇي وڃي ٿو. هڪ لکندڙ، هڪ حساس دل رکندڙ فرد هوندو آهي. خاص ڪري سنڌي ليکڪ ڏاڍو جذباتي هوندو آهي. سنڌي ليکڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي لکڻين ۾ هڪ بيلنس رکندو آهي. آس پاس جي ماحول جون مسب نفرتون ميڙي محبت جا پيغام ڏيندو آهي. ها پر ڪڏهن ڪڏهن اهوئي ليکڪ پنهنجي جذبات جي اونچائين تي پهچي پنهنجو قلم پنهنجي هٿ سان ڀڃي پور ڪندو آهي. پنهنجي وجود سان جهيڙو ڪندو آهي. اها هڪڙي ڳالهه زندگي جو وڏو الميو ٿي پوندي آهي ته اسان لکون ڇو ٿا؟ اسان جي لکڻين سان نه ته هي ماحول مٽجي ٿو، نه وري ڪي انقلاب اچن ٿا. مسئلا حل ٿيڻ بجاءِ الجهندا وڃن ٿا. چؤطرف دهشت گردي، لاشن جي ڍير تي ويهي لکڻ لاءِ به ته دل گردو کپي. ڪجهه به فرق نه ٿو پوي ته پوءِ لکجي ڇو؟

مجبور ٿي ان لکڻ ۽ نه لکڻ واري جنگ مان پاڻ کي ٻاهر ڪڍيو اٿم ڇو ته سياڻي هر صورت ۾ ڪجهه نه ڪجهه لکي تبسم جي حوالي ڪرڻو اٿم...

غفار تبسم شاعر آهي، سندس اهي شعر جن ۾ قطعا گيت نظم ۽ غزل سڀ شامل آهن، قطعا ته گهڻو ڪري اهي آهن جيڪي عوامي آواز ۾ ڇپجي چڪا آهن. هڪ نظر وجهڻ سان ئي شاعر جي سوچن احساسن ۽ جذبن جي خبر پئجي ٿي وڃي. هونئن به ڏٺو وڃي ته غفار تبسم جي شاعريءَ جي سوچن کان ويندي ان سٽ ۾ بيٺل سڀ شاعر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اديب، قلم ڪار جيڪي اڄ جي ماحول ۾ جيئڻ پيا ساهه کڻن، ڇا انهن سيني جا جذبا، احساس، امنگ، هڪ جهڙا نه آهن؟

ها شايد بلڪل هڪجهڙا آهن، تڏهن ته هڪ نظر وجهڻ سان اندر ۾ زهر اوتجي ٿو وڃي. اها هڪ نظر ئي اڄ جي قلم ڪار جو سڀ کان وڏو مسئلو آهي، اها هڪ نظر ئي اذيت جو گهر آهي جت زخم چڪندا رهندا آهن ۽ ناسور ٿي پوندا آهن. جيئن

پولارن ۾ گونجن ٿا، پڙلاءَ، ڪوئي آهي
ٻڌجن ٿا غفائن ۾، غوغاءَ، ڪوئي آهي
اي لوڪو ٻڌو ٿا يا لنوايو ٿا خلش کان
ڦٿڪن ٿا ضميرن جا ڦهلاءَ، ڪوئي آهي.

غفار تبسم جي هنن لکيل سٽن ۾ ”ڪوئي آهي، ڪوئي آهي“ جو پڙلاءُ ئي اڄ جي انسان جي اندر جو آواز آهي. اڄ جو انسان جيڪو قلم ڪار آهي، باشعور آهي، سوچ به رکي ٿو. اهو شخص پنهنجي قلم جي زور تي چوي ٿو ”ٻڌو ٿا يا لنوايو پيا.“ جو ته غفائن ۾ غوغاءُ پيو ٿئي.... پر ڪنهن ٻڌي آ ان جي ڳالهه، اديب جي پيڙائن کي ڪنهن سمجهيو آ؟ اڄ جي دور جو سڀ کان وڏو ظلم اهو ئي آهي ته هڪ قلم ڪار جڏهن قلم جي ذريعي ماڻهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي سچ پڌائي، جذبن ۾ جولان آڻي واتن تي اچي بيهاري
ٿو ان ويل ان عام ماڻهن جي طاقت ڪي وقت ۽ حالتون ٿڌا
هٽي بيک منگا سمجهي ڌڪاري ڇڏين ٿيون.

پني عاقل جي پرپاسي، ڪڏهن تورڻ، ڌنبي ۾
هميش بيگناهن ڪي، ٻهانن ساڻ ريٽيو ٿا
ڪڏهن مقتل ڪڏهن ڪوڙا، ڪڏهن سنگسار ٿيا آهيون
رڍن ٻڪرين جيان واڙي، جڏهن چاهيو ڪهو ٿا پيا

غفار تبسم جوان جذبن، محبتن، سونهن ۽ اعليٰ آدرشن
جو شاعر آهي. سندس شاعريءَ ۾ تيز ترنم به آهي، سندس
گيت ڳايا به ويندا آهن. سندس شروعاتي دور جي شاعريءَ
کان موجوده دور جي شاعري گهڻي مختلف آهي. ادب جي
ڪيتر ۾ اسرندڙ پهريون دور اڳتي هلي ٻي اثر تي پوندو آهي.
اديب محبت ۽ امن جو پيغامبر اهي، هو هٿن ۾
ڪلاشنڪوف نه تو کڻي سگهي ۽ نه وري ڪلاشنڪوف
هلائيندڙ جا هٿ پڃي سگهي ٿو. هو قلم جي ذريعي شعور
ورهائي ٿو، سمجھ ورهائي ٿو. ان جو اهو پيغام هڪ عام
پڙهندڙ ته سمجهي ٿو پر وچ واري سنڌي ۾ بيٺل هڪ طاقتور
قوت هڪ عام پڙهندڙ ۽ اديب جي طاقت کي ٽوڙي پوري
تي ڇڏي. ان ٽٽڻ ۽ پرڻ جي عمل جي ڪري ئي اسان وٽ
ايترو ڪجھ لکڻ ۽ قربانيون ڏيڻ کان پوءِ به ڪا وڏي تبديلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ آئي آهي.

بيٺل آ ٻوڏ ٻارن ۾ مگر پوءِ ٻي اسان ماڻهو

چتيون ٿا پوءِ ٻي ٻيجارو نہ ان ۾ ڏوھ ڪنهنجو آ

وسي پئي زور سان "تبسم" ڪٿهن ڪان خون جي بارش

جي ڪڙڪي پوءِ ٻي ڪوليون ٿا نہ ان ۾ ڏوھ ڪنهنجو آ

عبدالغفار تبسم اڄ جي دور جو شاعر آهي جيڪو هن تيز دنيا جو ساٿ ڏيئي اڳتي وڌي ۽ لکي پيو، لکي. ڪنهن هنڌ مايوسين جون نہ ڪنهن هنڌ اميدن جون ڳالهيون ڪري ٿو. نراس نہ آهي پر سوچي ٿو ان خوبصورت صبح لاءِ جيڪا شايد هو پنهنجي ڄمار ۾ نہ ڏسي سگهي، پر شايد سندس اولاد، هن ڌرتيءَ جا رهندڙ ويچارا اها صبح ڏسي سگهن جنهن جو سپنو اڄ جو اديب ڏسي پيو.

سلطانہ وقاصي

ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مَڌر سُرن جو سرجڻهار

عبدالغفار تبسم جي شاعري، مجموعن تي، اڳ ۾ شيخ اياز، استاد بخاري، تاجل بيوس، سرڪش سنڌي ۽ مقصود گل جهڙا ناليرا ليکڪ/ شاعر، مهاڳ ۽ رايا لکي چڪا آهن.

عبدالغفار تبسم سان پهريون دفعو منهنجي ملاقات ۱۹۸۷ع ۾ منٺار سولنگيءَ جي معرفت ٿي هئي، تڏهن هي مون کي مکڻ جو چاٽو لڳو هو ڪنئرو، ڪنئرو، اجرو اجرو ۽ پوءِ جڏهن جڏهن به، جتي جتي به هن سان ملڻ ٿيو آهي ته هي مون کي مکڻ جي چاٽي تي پيل ماکيءَ جي لار به لڳو آهي.

مختار علي خان ”پرتو“ روهيلي جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”ٽپي“ جي (ٽپو پشتو ٻوليءَ جي لوڪ گيتن جي هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشهور ۽ مقبول صنف آهي) مهاڳ ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي:

"ٽپو اصل ۾ ڳائڻ جي شيءِ آهي، جيئن ته هزارن سالن کان ماڻهو هن کي ڳائيندا ايندا رهيا آهن، سو اهڙي طرح هي خزانو اسان تائين پهتو آهي. هن جا وزن ڪجھ اهڙا آهن، جو موسيقيءَ جي سرن تي ته پورا اچن ٿا، پر مستند عربي عروض جي قاعدن جي دائري ۾ نه ٿا اچن."

تبسم جي شاعري موسيقيءَ جي ماپن ۾ فٽ ٿي وڃي ٿي. ڀلي ته "تبسم" جي "فاعلاتن" سان بغاوت هجي، پر "الو ميان ۽ الا- الا" جي آلاپن سان هن جي پوري مفاهمت آهي:

ڪنهن ساز، سُر، سواد جو سؤنچو به سُڻ ڪڏهن،
هر وقت، هر ڪتاب ۾ مرثيا نه ڳوله تون،
ممڪن آ هُو هجوم: ڪو سرڪس يا جڇ هجي،
هر ميڙ- ڳوڙ ۾ رڳو مرثيا نه ڳوله تون.

تبسم جي شاعريءَ ۾، موسيقيءَ جا مَدر- مدر مدم سُر، هن جي ڪجھ گيتن جي هِنن بَندن مان جهونگاريندا نظر اچي رهيا آهن:

بلب ٻري يا ميڻ بتي،
تانگھ تپي يا ريت تتي:
ڳالھ پچڻ جي آ يارو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لونءَ لڇي يا لات رڇي،
ڪُوڪ ڪتان مَن، ڪاتہ اچي:
ڳالھ ڪڇڻ جي آ يارو!

.......

جَل ٿَل جاني،
پنھنجي ڪھاڻي،
مُرڪ چپن تي، اک ۾ پاڻي.
ميڻ بتيءَ جان پگھري پئي آ،
تانگھ تتيءَ ۾ تڇڪي پئي آ،
چاھَہ- چري دل ڪيڏي اياڻي.
مُرڪ چپن تي، اک ۾ پاڻي.

.....

دل واري عجوبي ڪي،
ڪنھن عيد جي تحفي ڪي،
الماڙيءَ ۾ تاري
ڪا سار تہ لھبي آ.

....

ڏڪارينہ تبسم، ڏتاري ونئين ھا،
ڪُنو ھينہ تہ ڇا ھو جياري ونئين ھا،
ڪو ياڪر، ڪو بوسو، ڪا اک، ڪو اشارو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

.....

پختونن جو هڪڙو ٽپو آهي:

"ڪہ مرور آشنا پخولاشي

بالخت دَ زلفو بہ ئي دَسر دَلاندي ڪلم"

(جيڪڏهن رُٺل محبوب راضي ٿي وڃي، تہ مان پنهنجي چوٽيءَ جو (وارن جي) وهاڻو هُن جي مٿي هيٺان رکندس) واهہ! پيار ۾ پاڻ ارپڻ جي حوالي سان ڪمال جو ٽپو آهي! تبسم جي شاعريءَ ۾ بہ اهڙي قسم جون ڪيفيتون: (پيار جي خمار ۾ مست رهڻ، يار جي يادن کي گلن جي برابر سمجهڻ، محبوب جي راءِ کي اوليت ڏيڻ) جهجهيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون:

هيل هيڏا جو گل قل ٽِڙيا هِن وٽي،
تون اچين تہ پچان توکان، ڪِٿ سي رکان.
تنهنجين يادن سان دل، منُ ۽ دامن سجو،
مان تہ سپرين اگي ئي پريون ٿو وتان.

هڪ شاعري محدود وقت لاءِ هوندي آهي، ۽ هڪ شاعري لامحدود وقت لاءِ، ابدي/ هر جُڳ جي شاعري. اصل ۾ اُها ئي شاعري فطري ۽ جٽاءَ واري شاعري آهي، جيڪا هر جُڳ جي شاعري هجي ٿي، تبسم وٽ بہ اهڙي شاعريءَ جا ڪيئي زندہ مثال موجود آهن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن ٻچي- ٻچري ٿهڪ ڏيون ٿا اسان،
تيئن توهان پي ڪري ڏسو ته مچيان.
هٽ- ٻتي، بلب يا ڏيئو ڇا ٿيو،
شوق شعلا ڪري چلو ته مچيان.

......

چوين ته سارا سوجهرا ۽ سونهن توڪي سونپيان،
ڪتيون، ستارا، ڪهڪشان آءُ تنهنجي ڳٽ ۾ ڳنڊيان.

......

تُنهنجي صورت ڪٿي، نه روز ڪِرڙي،
چنڊ ڪي ٿي سگهئي جهلينڊو ڪر.

....

فرانس جي اديب زان ڪاڪشو کان ڪنهن پڇيو هو
ته: "جيڪڏهن ڪنهن گهر کي باه لڳي، ۽ اُن ۾ اندر هڪ
ٻاررڙو هجي ۽ هڪ فن پارو هجي، ته تون اندر وڃي ڇا ٻاهر
ڪڍي ايندين؟" جواب ڏنائين: "مان اُتان باه ڪڍي ايندس" ۽
سائين لطيف چيو:

"الا! ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏِسن،
مون تي مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا."

بئي مثال حيرت انگيز حد تائين عجب جهڙا آهن.
اهڙوئي هڪ منفرد عجب ۾ وجهندڙ چوسِٽو "تبسم" جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻہ آھي، جيڪو تبسم ضمير جي ھدايتن تي عمل نہ ڪري
سگھڻ سببان پريشانيءَ جي حالت ۾ لکيو آھي:

ھِن جسم جو اُھو حصو خلش جتي گناھ جي،
وڏي وڏي وجھي ڪٽي و بالِ جان نہ ٿي پوي.
سوچيو اٿم تہ ھاڻي ان ضمير کي ڪپي ڪڍان،
جو پاپ- پُن جي سوچ ۾ ڇَريو مٿان نہ ٿي پوي.

اھڙو ضمير، جنھن ۾ ڪنھن پاپ جي خواھش پلجي رھي ھجي، ان کي ڪپي ڪڍڻ جو ارادو، واقعي ھڪ وڏو ۽ صحيح فيصلو آھي.

تبسم وٽ تشبيھن جو اندازو بہ نرالو آھي. سونھن- چپن مان نڪرندڙ ٽھڪن لاءِ، پوپٽن جي اُڏام، موتين جي ورڪا ۽ تاريءَ مان گلن جي ڇڻڻ جون تشبيھون سُھڻيون آھن، پر تبسم ھڪ نئين تشبيھ تخليقي آھي:

ڪو ھَنجھ، سر مٿان اُڏيو تہ گمان ٽھڪ جو ٿيو،
ٿي ڊيل، مور مست ويا اِئين سِڪئين ٽلڻ ڪٽان.

دنيا جي آباديءَ جا ستر/ اسي سيڪڙو ماڻھو، شاعرن جھڙي دانا ۽ بينا، حساس ۽ انسان ذات جي ھمدرد طبقي کي چريو سمجھندا رھيا آھن، انھن جي اھڙي سمجھ تي شاعرن کي ڪڏھن چِڙ بہ آئي آھي، ڪڏھن خار بہ لڳا آھن، جنھن جو انھن وٽان شديد تر ردِ عمل بہ ظاھر ٿيندو رھيو آھي. پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙن ئي ماڻهن مان هڪ ماڻهو، جيڪو تبسم جو محبوب ه
آهي، جڏهن ڪيس "چريو" چوي ٿو، ته هن کي ڪاب
چڙ ڪانه ٿي لڳي:

تو چيو ته هن چُپ ڪئي تبسمَ،
نه ته چَريو لفظ خار جهڙو هيو.

آثم ناٿن شاهي

لياري- شاهي
لياري- ڪراچي
٢٨- آڪٽوبر ١٩٩٦ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اندر جي اَوَرَ

منهن جي هن ڪتاب ’نيٽن جي آڳر ۾‘ گهٽي ياڳي نئين نڪور شاعري جا، گيتن، غزلن، نظمن ۽ روزانہ عوامي آواز اخبار ۾ سال ٻن تائين روزمره جي مسئلن ڪي نظر ۾ رکي چيل چؤ سٽا آهن. ان کان علاوه سونهن ورونهن ۽ ٻين موضوعن سان لاڳاپيل شعر بہ شامل آهن. لکڻ واري ڪي هيڏي وشال ڪائنات مان روز ڪونہ ڪو موضوع ملي ويندو آهي ۽ هينئر تہ سنڌيءَ ۾ جيڪو بہ نثر يا نظم سرجي رهيو آهي، ان جا موضوع چيچنيا، بوسينا، روانڊا، صوماليہ، فلسطين ۽ آئرلينڊ بہ آهن، جنهن جو مطلب تہ اسان جا تخليقڪار عالمي اٿل پٿل کان الڳ ناهن ۽ نہ ئي تنڊي بهاول يا مرتضيٰ ڀٽو جي سانحن تي سنڌن اکيون ٻوٽيل رهن ٿيون. تاريخ شاهد آهي تہ انقلابي ليکڪ دنيا جي انقلاب جا گهڻو ڪري امام بہ رهيا آهن. مثال طور سارتر جون لکڻيون فرانس جي جمهوري انقلاب جو وڏو سبب هيون.

ٻہ سال اڳ ننگرپارڪر ويس تہ ڪارونجهر جي چوڌاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارونجهر جي وڍ ڪٽ لاءِ ڏينهن رات مشينون هلي رهيون هيون ۽ اتان جا ساڃاه وند ماڻهو ان کي ثقافتي قتل سمجهي رهيا آهن. ڪوڙ همراهَن سان ڪچهريون ٿيون ته سين جو مؤقف ساڳيو ئي هيو.

منهنجو نظم 'جهونو وڻ جُهري پيو' به اُن بي پهچ ماڻهن جي رتورت ٿيل جذبن جو آئينو آهي. شايد ڪجھ سالن کانپوءِ، شاھ جي رسالي کان وٺي هيلتائين، ڪارونجهر ۽ سنڌس ڪور جي حوالي سان ڪيل ساري شاعريءَ تي ڪراس ڏيڻو پوندو، جو اهو صدين کان اتساهيندڙ پاڻ ئي ميسارجي ويندو. بهرحال اهو نظم لکي جڻ مان ان رت روئيندڙن جي قرض لاهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. پر ڇا ڪجي ڪارونجهر جو قيمتي هئڻ ئي سنڌس قتل جو ڪارڻ آهي، هن سوداگرن جي ڏيھ ۾ ڪارونجهر کان ڪاھوءَ جي دڙي جهڙن ثقافتي قدرن سان اها ويڌن ٿيڻ ڪا نئين ڳالھ ناهي.

زندگيءَ جا انيڪ، گوناگون مسئلا، پيار محبت، سونهن ورونهن ۽ سچائيءَ جون ڳالهيون هن ڪتاب جا موضوع آهن. شل پورهيت جو پورهيو قبول پوي.

گر قبول اُفتد زهي عز وشرف

توهان جو

ع - غ - 'تبسم'



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قطعا

[redacted]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امر ٿيو آهي ته مان رقص ڪريان موسم جو
ڪوليو زنجير ته پنهنجا مان ٻڌي پير ڪنان
گهٽين جا، لاش، لهو، لڙڪ مگر ميڙايو
رقصِ آزادي ڪندي جهومندي رنلبجي نه پوان*

—٭—

اکين جا نير جي اُڀ جا ستارا ٿي نه سگهيا
ڪيڏو تِک تيز هئو جَلُ، ڪنارا ٿي نه سگهيا
تنهنجين ساروڻين جي رات وٺي هئي بارش
اوتر ۾ نيڻ پيي غم جا نيسارا ٿي نه سگهيا

—٭—

او جيءَ جنم جا اُجيارا! بنواس ڦري چا ڦولهين ٿو
او شوق! ايڏن انڌيارن ۾ شاباس هجئي چا چولين ٿو
توڙي جو مرگهه ترشنا ۾ ڊوڙيندي عمر ڪٽيئه پنهنجي
پر پوءِ پيي ڪو اُتساه ڪٽي وڻجارن ڪي پيو ووڙين ٿو

—٭—

* ڪراچيءَ ۾ خونريزي جا واقعا معمول بڻيل ۽ ۱۴ آگسٽ ۱۹۹۵ع آزاديءَ جي ڏينهن تي آيل اُڏما.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان خوشبوئن کي جھليو هو تڏهن يي
اسان کي اوهان جو ڏئي ڏس ڇڏيائون
او جانان! ڀلا ڪوئي روڪي سگهيو آ
ڪڏهن چيٽ ٻارن، گُلن جون هوائون

—*—

اِک لڇي، پنبڻيءَ پڇيو: ڇو ڇا سبب؟
هوءَ ڪڇي، ڇنڊي هٽڻ جون ڪوششون
تانگھ ٿڪي ڇيو تہ ٻاڳل پئي ڪري
لوهہ ۾ ڪنڊي هٽڻ جون ڪوششون

—*—

اسان خواب پنهنجا سجايا، تہ موسم
ڪٽي پاڻ سان گڏ خزائن کي پهتي
۽ نئينءَ مند جي اوسيئڙي ۾ هئاسين
تہ آندي اچي دَرَ ديوارن کي پهتي

—*—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڙي او رفيقو، رفاقت جو ڇا ٿيو؟
محبت مروت ۽ چاهت جو ڇا ٿيو؟
جي گم ٿي ويا آهيو گردش ۾
ته ڇئو دشمن کي، عداوت جو ڇا ٿيو؟

—*—

، اسان تنگدستيءَ ۾ ٻي يادون تنهنجيون
او سپرين! سيني منجهه سانديي رکيوسين
۽ فاقن، فراقن جي طوفان ۾ ٻي
هي جوتون او جانان! جلائي رکيوسين

—*—

، اکيون عيد جي چنڊ، ڇائنڻ ۾ هونديون
هو آڪاش تي، هيءُ آڱر ۾ ڪڙندو
اسان ڀهڪي ٻنهن جي آجيان ڪنداسين
هو اکين ۾ ۽ هيءُ ٻانهن ۾ هوندو

—*—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ رات ڪنهن وڇير جي ڪنڌ جو ٻڌل ڇڙو
برسات جي ٽمر ٽمر ۾ گهڙامنجيءَ رکيل گهڙو
ڪمري مان نڪري تن جي ٻه ٻڌ راڳڻي ڪڏهن
اي شخص! پنهنجي خول ۾ بند تو رهين ڇڙو

—❁—

اگر اُپ کي خود تي اهو ماڻ آهي
وتس چنڊ تارا ڪتيون ڪهڪشان هن
ته سنڌ جي مٽي پنهنجي ڏاهن ڏي مرڪي
چوي پيئي، ڪاٿي هھڙا ضوفشان هن

—❁—

اڙدو جڏو پلو پر زنده ضمير سان
منڊو مڏو امل پر سچو خمير سان
ڪنهن سان به گڏ هجوء توهان جو فيصلو
منهنجي عقل مطابق سنکيو آ کير سان

—❁—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ صبوح نيرن تي پٽ مون کان پڇيو
بابا هي هر روز جي هڙتال ڇو؟
مرڪي چيم، ملڪي معيشت اي ٻچا!
حد کان وڌ تي پئي آهي خوشحال جو*

—❋—

الائي اڄان ڪنهن جا اوسيئڙا آهن
ڇا ڇا تانڻ ڇڪتاڻ آهي اندر ۾
ولين ۾ گلن واري موسم پڇي پئي
ته ڇا هيل ٿيو آ "تبسم" جي گهر ۾

—❋—

اسان جي سوچ کي سهڪو لڳو، ميجان تو پيو
۽ ديد، دل کي پڻ ڌهڪو لڳو، ميجان تو پيو
تڏهن ته سونهن ۽ سچ کين لنوايم "تبسم"
جتي جڏهن ته موقعو لڳو، ميجان تو پيو

—❋—

* ڪراچيءَ ۾ روز روز جي هڙتال تي لکيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان ڪَن پنهنجا، ڇا ٿوپايا آهن؟
سٺو، سڏڪا سارو ڪوهستان آهي
ڍڳو روڄ راڙو ۽ برپا آ محشر
گهرن ۽ گهٽين ۾ اجل رقصان آهي*

—✻—

اُلفت تنهنجي اربي مون کي اشڪن جي آلاڻ
نينهَن "تبسم" روز چڪائي نيرن جي چهراڻ
لُڙڪ لَڙُهن ۾ پاڳل مَن روز ٻڏي اُڀري
سوچَ سودائن ۾ سانولڙا، ڇوليون ۽ ڇڪتاڻ

—✻—

اڃين ها ته اُڏما اُلا ٿي پون ها
اُگهين ها ته ڳوڙها ڳڙا ٿي پون ها
جي ويهي ٻڌين ها غزل گيت منهنجا
ته سڀ لفظ ڇَنگَ ۽ چڙا ٿي پون ها

—✻—

* ڪوهستان ۾ ڏڪار واري صورت حال تي لکيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آپگهات، اغوا، خون ۽ ڪارنهپ جون سرخيون
هر روز هر صفحي ۾ ويڳاٽپ جون سرخيون
هر صبوح انهيءَ آس تي اخبار تـو کوليان
مَنَ اڄ ڪنهن ماه لقا جي حسين چپ جون سرخيون

—*—

اڳم ۾ ئي سوچ جي مان آهيان پل صراط تي
ويتر او درد تون اهو اوتـر ڪنيون نہ اءُ
مرهم جي ڪاڻ تـو اچين تہ آءُ اکين تي
پر پاڻ سان نئون ڪوئي نشتر ڪنيون نہ اءُ

—*—

اُڏارون اجان ٻـي چون تـيون، اُڏامو
مگر هي هوائون جهلن تـيون تہ هوريان
مون کي شوقِ منزل ۽ طوفان کي مستي
ٻـئي زور ڏيون تا، ڏسجانءِ زمانا!

—*—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُلا ۽ عداوت آ عادت اوهان جي
اسان واري الفت ڳڙا ۽ ڳنڍيريون
اوهان جي چپن ۾ رڳو بمر ۽ برڇيون
۽ سينا اسان جا زره ڍال ڍيريون

— ❋ —

سانجهيءَ سمي سرجن تا پيا سپنا اکين ۾
اُڀ ڪان ڪيڏا اُڏري پهتا سپنا اکين ۾
ياد۔ نگر جا آڏا ترڇا عڪس هئا جن ڪي
جيئن جيئن مهنيو تيئن ڦٽي پيا سپنا اکين ۾

— ❋ —

آس ۽ انتظار جون اکيون
چيٽ چنڊ ۽ بهار جون اکيون
نيٺ پٿر ٿي ويندبون جانان
در ديوارن ۽ پيار جون اکيون

— ❋ —



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آس هئي، آڙاه تي مچندي رهي
تانگھ "تبسم" تاڻ تي تپندي رهي
سارَ کي چيڪو هو پانيو سرت جو
پر سڙي ساري عمر چيندي رهي

— ✽ —

برکا بسنت رُت جون ڏئي پئي بشارتون
ڪَرَ موڙي ڪِرڻا ڏين ۽ وڻن پيا مبارڪون
لوڪو! ورهايو ڪنڊ، ڪٿو گھنڊُ باک جو
پَنَ چڻ پُڃاڻان پھتيون وستيءَ ۾ رونقون

— ✽ —

بند نيڻن ۾ خواب جاڳن تا
مھڪيا تنھنجي وصال جا لمحا
ساهَ ساهَ مان سُگند تي مھڪي
رات پر سوچون سوال ها لمحا

— ✽ —



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بعضي پن ڇڻ جي موسم ۾، سُڪل وَڻ جي پَٽن وانگر
بعضي برکا جي رم جهم ۾، مَڌر ڪومل سرن وانگر
عجب ڪيفيت آ مَنَ دل جي، گهڙيءَ ماسو، گهڙيءَ تولو
ڪڏهن مانڊاڻُ مَنُ منهنجو، ڪڏهن خاموش بَنَ وانگر

—❋—

بعضي نشتر ته بعضي سي مرهم بڻيا
بعضي عاشورا بعضي سي سرگم بڻيا
تنهنجن لفظن جي مَنَ ساري ڪيمياگري
ويلي دُعائون ته ويلي سي ماتم بڻيا

—❋—

بهشت آهي ناريءَ جي محبت، مڃيان ٿو
مگر ناري نفرت ڪري ٿي ته دوزخ
جا عورت وفا پيار جو مجسمو آ
اُها جي عداوت ڪري ٿي ته دوزخ

—❋—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تانگهه تنبي جي تار نہ روڪيو، لوڪ ٻڌي
چيرين جي ڇمڪار نہ روڪيو، لوڪ ٻڌي
نينهن گجي ٿو شينهن جيان شريانن ۾
گونجي پلي گجڪار نہ روڪيو، لوڪ ٻڌي

—*—

توهان جي قرب جو ڪاٿو نہ نير تي ٿا سگهن
نہ ئي تتيءَ ۾ توهان لاءِ هير تي ٿا سگهن
ها پر دلاسا، عذرخواهيون آتون ڪڏهن
غمَ گهٽائڻ لئہ پڙيون پنير تي ٿا سگهن*

—*—

توهان جو نانءُ جتي ۽ جڏهن جڏهن بہ ٻڌو
ڪو درد دل ۽ جگر مان تڏهن تڏهن پئي اُٿيو
ڪيترو ضبط ڪري ڪيئن ٿو روڪيان ڳوڙها
سا شام شفق جي سرخي ڪڏهن ڏسڻ نہ اچو

—*—

* ڳوٺ ملوڪ بليدي تعلقي قمبر ۾ ڪانڊ جي ماني ڪائيندي يارنهن ڄڻا فوت ٿي ويا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون آيو تہ آهين، تنهنجي مهرباني
منجهيو آهيان ڇا ڏيانءِ تحفي ۾ جاني
رکيل ڪو رومال ۽ نہ ڇلڙو ا مون وٽ
هان تنئي دل ڪنيون وڃ، هجئي مُرَ نشاني

—※—

ترتڪڙ ۾ توسان ڀاڪي پائي مان
موڪلائي تو وتان نڪري هليس
ها مگر اڳتي اچي پوءِ ياد پيو
بوسو هو باقي ڏيڻ ڀلجي ويس

—※—

تو پڇيو، مون ها ڇيو، پر ڪيئن ڇيو
دل منهنجيءَ تي هٿ رکي ڏسجانءِ ضرور
ويندي ويندي الوداعي گيت کي
جانِ جانان تون مگر ٻڌجانءِ ضرور

—※—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پراڻا پروڪا ها پَرَ جڻ تہ جرڪا
سڀي سال جا منٽ سيڪنڊ ڳورا
سڀڻ حادثو ڪوئي هڪڙو نہ هو پر
سڀ ڏينهن پَرُ جا عاشورا ۽ گهوڙا

—*—

پوتڙي سان پگهر کي اُگهندي لڳو پٽڪڻ مزور
جائي مزو آ، جي ڪوئي جوتي تو زندگي
چئني ڪندن ڪان صافي کي پڪڙي چيو پياڪ
بيشڪ نشو آ، جي ڪوئي گهوٽي تو زندگي

—*—

پولار ۾ گونجن تا پڙلاءَ، ڪوئي آهي
پڌجن تا غفائن ۾ غوغاءَ، ڪوئي آهي
اي لوڪو پڌو تا يا لنوايو تا خلش ڪان
ڦتڪن تا ضميرن جا ڦهلاءَ، ڪوئي آهي

—*—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڇن تي رکي پير نہ پابند ڪبو آ
ڪنهن مهم ۾ مهمير نہ پابند ڪبو آ
تاريخ ڪندي پاڻ ئي ڪردار تعين
گهاتوءَ کي ڏِسي گهير نہ پابند ڪبو آ

—❋—

پني عاقل جي پرياسي، ڪڏهن توڙيءَ، تندي ۾
هميشہ بيگناهن کي بهانن ساڻ ريٽيو تا
ڪڏهن مقتل، ڪڏهن ڪوڙا، ڪڏهن سنگسار تيا آهيون
ردن ٻڪرين جيان واڙي، جڏهن چاهيو ڪهو تا پيا*

—❋—

جيسين جنون هو محبت جو جوش جذبا ها
تيسين گُلاب ڪهڪشائون ديد رستا ها
جنون جي سحر ٽٽڻ بعد ايئن لڳو "تبسم"
اوهان جا رويا، توهر ها، نہ گلدستا ها

—❋—

* پني عاقل پرسان ڇانوٽي جي فوجين جون ڳوناٽن سان زيادتيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنون ۽ جوش جذبا جوالا ڪنداسين
ٻوٽيون ماسُ ٻاري مشعالا ڪنداسين
رڳو پڪ "تبسم" کي ڏي تون اچڻ جي
اسان تي چڙهي ڏي ته چا چا ڪنداسين

--*--

جا لاشن ۽ لڙڪن جي موسم ۾ پهتي
اُنهيءَ عيد کي چئه ڀلا ڪيئن ملهايان
تون چئين تي ته مرڪي پوان تو مگر مَن!
جي ازخود اچن سي ڪئان تهڪ آڻيان*

—*—

جوڀن آئيني ۾ جهلڪا ڏيندو ويو
چيٽن چاندوڪين جا چُٽڪا ڏيندو ويو
ڊائرين جا ورق چون ٿا لڙڪن کي
وقت ڀنهن کي ڪيئن وراڪا ڏيندو ويو

—*—

* ۱۹۹۰ع جي قربانيءَ واري عيد ڏهاڙي ٽن ڏينهن ۾ روز ۲۰ کان ۳۰ تائين ٻورين ۾ بند لاش ملڻ معمول بڻيو هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيون، جوڀن جوت جهوراٽا جهومي پيا
او مَنَ آس اُڪنڊ اولاٽا جهومي پيا
اربيلين اکڙين سان ”تبسم“ مان نہ رڳو
جيڪي جت ها چريا سياٽا جهومي پيا

—※—

وفا جون ڳالهيون، رڳو لفظ رُڪا ڇا چئجن
مکڻ ماڪيءَ جي ڳيپي ساڻ مَکا ڇا چئجن
لاڙ لهجي ۾ لڪل لفظ ٿوهَ، اُڪَ جهڙا
مُرڪندي مُرڪَندي تڪرار تکا ڇا چئجن

—※—

جوش ، جذبا، شوخيون ۽ ولولا
زندگي بيشڪ بيحد ڏاڍا مزا
پر ڪٿي ڪانيءَ ۾ اٽڪي پوي
توبہ بوءِ محشر، قهر ۽ ڪربلا

—※—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنم ڏهاڙي جا موقعا جواب چاهن ٿا
عمر جا سال مهينا حساب چاهن ٿا
نہ رڳو مان سڄي سنڌ معترف تنهنجي
منتظر ميڙ نئون انقلاب چاهن ٿا*

—*—

چاهَ تي چوٽي نہ ڪر تون او چريا
واءُ تي وکري نہ پئہ او جيئڙا
او ٻريا! اکين کي چئہ آرو نہ ڪن
سانيينديِن ڪيڏا ڪتي اوسيئڙا

—*—

چانڊوڪي ساگر کي ڇيڙيندي رهي
لهر لهر لمحن کي ميڙيندي رهي
سوجهرن سپنن کي جاڳائي ڇيو
ساروٽيون ويڙهيو، سحر ويندي رهي

—*—

* ٩٥-١٢-٨ تي حيدرآباد ۾ رسول بخش پليجي جي ڏام ڏوم سان ملهايل جنم ڏينهن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حُسن ويساهه پئي چاهيو ۽ هن دل چاه پئي چاهيو
ڇيو سونهن سُرڪي ٿي بس آ، مگر مَنَ واهُ پئي چاهيو
انهيءَ ڇڪتاڻ، شورش ۾ عقل ۽ عشق پيا اٽڪي
عقل ڇيو ڇٽنگ يا ڇوڇي، اندرَ آڙاهه پئي چاهيو

--:--

ڏر تتيءَ کي ڇانورو ڇوندو نہ ڪر،
سَرَ، لوهيڙي کي سَرو ڇوندو نہ ڪر،
سيـن کي ڇئبو نہ آ سهٽو ڇريا،
ڏگهہ ويندن کي دل گُهريو ڇوندو نہ ڪر.

--:--

رات اونداهيءَ ۾ ڪنهن پٽڪيو پئي
چانڊ ڪائي جوتِ تمڪي جُوءِ ۾
آسَ- وندي کي اها ڪهڙي خبر
باک ڏوڪو آ صُبوح جي رُوءِ ۾

— ◉ —



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حجابي اکين ۾ گلابن جون ڳليون
اناري ڳلن ۾ عنابن جون ڳليون
فضائن ۾ موتئي ۽ مينديءَ جي خوشبو
اسان، سانجهه، سپرين، ستارن جون ڳليون

--*--

خدارا نہ ماٺهن جا آدرش ٽوڙيو
نہ ڦهلايو هرسو فريبن جا ڦندا
اکٽ خواب هر ڪنهن جي اکين ۾ آهن
نہ پوکيو فضائن ۾ کوڪا ۽ ڪندا

--*--

خزائن ۾ گهمون ٿا پيا سجائي خواب چيٽن جا
ڪيريءَ منجهہ قول قولهيون ٿا تہ اُن ۾ ڏوهہ ڪنهنجو آ
وسي پئي زور سان ٻاهر ڪڏهن ڪان خون جي بارش
جي ڪڙڪي پاڻ کوليون ٿا تہ اُن ۾ ڏوهہ ڪنهن جو آ

--*--



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواب يادن جي سرخ موسم ۾
دل جي آڳر تي ڦهليا آهن
خوشبو خوشبو آ منهنجو گهر سارو
گهاءَ رابيل تي ڪڙيا آهن

—❋—

دوستيون مَنَ! روشنيون چاهن پيون
چاهتون ٻي چاشنيون چاهن پيون
سڀ اکين تيءِ پر ڳيو ۽ ڳڙ ذري
پيٽ جون پاسيريون چاهن پيون

—❋—

ڏهلَ، دنباهن تي دانهون تو ڪرين
شغل شرناين تي آهون تو ڀرين
يونءِ جا عاشق! مَ رو، مَنَ عيد تي
يونءِ کي ياڪُر وجهين، ماتو چمين

—❋—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديدءِ دلءِ دور دور کان ملندا
سپنا ڦولار ڦول ٿي ڪڙندا
زبان سان عيد چئون نہ چئون
نيڻ نيڻن کي پر چمي ولندا

—※—

ڏوڙيا ڏڏڪا ڪري ويا زندگي
ڪلهہ بہ ٻيرو جي چڏي ويا زندگي
اُن کان اڳ جو مات کائن موت کان
پاڻ ئي پنهنجي تڏي ويا زندگي

—※—

ڏيو نويد وڏي باک جي مسافر کي
ڪيڏين مسافرين کان پوءِ سحر ٿيو آهي
هو حوصلا جي ڏئي فاصلن کي مات ويا
اُنهن کي واٽ چوي پئي سفر ڪُٿو آهي

—※—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍي حسين هوندا نه حياتي هني مگر
ڪجھ زندگيءَ جي حادثن، ڪجھ تو ڪئي تباهه
توڙي جو توڙ خواهشون پهتيون نه پوءِ بہ
جيئڻ سان چاهه ساڳيو، توسان به دل اٿاهه

--*--

رات کي ڪنهن سمي نيٺ ڪٽڻو به آ
باک نڪري پئي، جاڻ ٿيو سوجهرو
هن هيڏي ٻاٽ تي هيانءُ نہ هارجو
جُهد جاري رهي، حوصلو حوصلو

--*--

زهر زم زم ڪڏهن به ٿيو ناهي
مرڃ مرهم ڪڏهن به ٿيو ناهي
ڏنگ ڏنگ آ، وڇون يا نانگ هٽي
چاڪُ چيونگم ڪڏهن به ٿيو ناهي.

--*--



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرنهن پيلا گل گنج پڪڙيل گلابي
غزالي اکيون، چنڊ چهرا ڪتابي
هو ايون، هو ٻارا، ستارا ۽ ساگر
آ سڀ سونهن تنهنجي، جتي ٻي ۽ جا ٻي

—*—

سيارا، سانجهيون، چيٽ، ڪتيون ۽ چانڊوڪيون
ٻارا، تارا سهڻا ها، پر چاهڻ سان
سونهن، سوغاتون، ميلا، مرڪون، ڪجهڪارون
ماٽا بيشڪ ناٽا، ها پر ماٽڻ سان

—*—

ستارن ۾ گم تي ويون ڪنهن جون راهون
۽ ڪو منتظر کولي پنهنجيون ٻئي ٻانهون
چوي پيو ستارن، ڪتين، ڪهڪشان کي
جلان پيو جيئان پيو اوهان لاءِ آئون

—*—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرنهن، جانبي، ساريالي جا، رونبا ۽ لاب جاڳي پيا
آسروندن جي اکين جا سونا سرخاب جاڳي پيا
اُتر واءُ اڄ ڪنيون آئي نئين ناري لئه خوشخبري
سايين جي آس ۾ دفنيل وري سپ خواب جاڳي پيا*

—٭—

سڪ جي سوداگريءَ ۾ لٽجي وڃڻ ڪان پوءِ
گنجَ گل مان دل جي مڪڙي پٽجي پوڻ ڪان پوءِ
اُجڙڻ جو روح پرور منظر ته ڏس اچي
آءُ ڏس ته آشيانو، وڄ جي ڪرڻ ڪان پوءِ

—٭—

سج اُڀرڻ ڪان موم بتيءَ تائين
ڏرتيءَ، سانجھ ڪان ڪتيءَ تائين
ساري لڄ، لوچ سوچ او سانول!
تنهنجي چاهت ۽ دوستيءَ تائين

—٭—

* ٩٥-١١-٢٢ تي ناري ضلعي خيرپور جي علائقي ۾ محترم بينظير ڀٽو طرفان هارين ۾ مفت ورهايل زمين واري موقعي تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهن، ساوڪ جو مزو ولجي ته پر
وحشتون من جو ڦٽائن تيون مزو
ڪُوڪن ڪي جهليو نه ڪوڪين ايترو
ڪُمهليون ڪن جو ڦٽائن تيون مزو

—※—

سونهن جيڏو ساه کي سونپيو نشو
عشق تيڏو آس کي ارپيو نشو
تونس چيو، "تبسم" تون هاٿي بس به ڪر
تانگهه چيو تڙپي ته نه، آٽيو نشو

—※—

صدين کان سايان جي آس ۾ سانيل سپنا
۽ پوڏيسر جي پٽن پاس سمهاريل سپنا
جن جي نيٽن ۾ سراب ۽ رڳو صحرا آهي
توکي، اُءُ تن جا مان ڏيکاريان رُٺائيل سپنا

—※—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهن ساگر، سوجهرا ڳوڙهيان پيو
چنڊَ ڳليون پيچرا ڳوڙهيان پيو
ڪٿ نہ ڪٿ ملندين تہ توکي ماڻبو
عشقَ تنهنجا ڳٽ ڳلا ڳوڙهيان پيو

—⁂—

سنڌ سرحد ۽ بلوچستان جو
ساڳيو ئي مؤقف آ ڪالاباغ تي
پر سڄڻ! ساڳي توهان جي راڳڻي
ڪک، ڪاڳر اڇليو نہ ٻرندڙ آگ ڏي*

—⁂—

سنڌ جا پورا ڪيو، پاڳا ڪيو
ونڊ، ڪٽ، واڌو يا ورهاڱا ڪيو
مير جعفر، نائون مل جا وارثو!
چو تا ماءُ مٽيءَ سان راڱا ڪيو

—⁂—

---

* غلام مصطفيٰ کر جو ڪالا باغ ڊئم لاءِ ڏنل بيان تي ردِ عمل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جا پکي ۽ ماڻھو ڳولھن پيا شڪاري
اجرڪ ۽ اڪ ڦلين کي ريڙن پيا شڪاري
جيوت سموري سنڌ جو لڙڪ ۽ لھو لھو آ
ماتم آ ماترئ ۾، ٿھڪن پيا شڪاري*

— ❁ —

عشق ماپي پيو درد جو حوصلو
شوق جاچي پيو ياد جو حوصلو
حُسن! اگھ پيي ته تو آزمايو ھيو
مجنيءَ، ميھار، فرھاد جو حوصلو

— ❁ —

عوامي آوازن تي پھرو نه رکجي
ڏسو! رابطن کي وٿيرو نه رکجي
ماڻھو آئينا عکس آواز آھن
سڄڻ! آرسين کي پٽيرو نه رکجي

— ❁ —

*سنڌ ۾ خاص ڪري ڪاچي ۽ ٿر ۾ شڪارين جي شڪار تي ۽ ڪراچيءَ جي خونريزيءَ تي گڏيل تاثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيد تي ڪيڏارو تو بيٺو ڪرين
يا وڃائين تو ڏياريءَ تي ڏهر
جي نہ تو ڄاڻين مهل جي راڳڻي
ڇو او مڱڻا!، ڇو ڪلائين تو شهر

—※—

عجب هيل موسم آ تنهنجي شهر جي
نہ بزمِ چراغان نہ رسمِ ضيائي
ڇيم دل ڪي اهڙيءَ نہ محفل ۾ هل تون
مگر پوءِ بہ گهلي، وٺي تو ڏي آئي

—※—

عجب طرح سان چيمگوئيون هلن ٿيون پيون
ڏسو اوهان سان ڪٿي ڪو وري دولاب نہ ٿئي
پنهنجي زمين تي پنهنجا ڪپائي پير رکو
اسان ماٺهن جان اوهان جو جيئڻ عذاب نہ ٿئي

—※—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غمِ حيات ڪي چنجوءِ نہ ڏي صدائون وري
دشت مس پار ڪري يارَ هت پڳا آهيون
او همسفر توکي اڳتي سفر مباح هجي
اسان ڪي حوصلو چئي پيو اسان ٿڪا آهيون

—*—

حُسن جهومايو ڇيڻ هيرون ڏسو
تانگھ تڙپايو ڇيڻ جهيرون ڏسو
هن ڇيو هاڻي ئي مَنَ روئو پيا
عشق جون اڳتي بہ تصويرون ڏسو

—*—

قول ۽ فعل جو پختو سادو سچار ماڻهو
عبدالمجيد* ميمڻ هڪ باوقار ماڻهو
محقق، تاريخ دان ۽ اعليٰ اديب سنڌي
راهِ وفا تي رسيو مهندار يارُ ماڻهو

—*—

(۱) لاڙڪاڻي جو نامور محقق ۽ تاريخ دان جو، ۱۱ فيبروري ۱۹۹٦ع تي وفات ڪري ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏيون آڙاه نظرون، ڪيڏو دڪيل وجود
ڪوريل ڪپيل ڪوماٽيل وڪريل وڍيل وجود
رڳ رڳ اُلا ۾ تنهنجي لونءَ لونءَ اُماڙيون
ڪنهن ڪاڻ تنهنجو ڪامٽي! پڙڪي ٻڪيل وجود

—*—

ڪنهن گهر کي لڳي آڳ ۾ ڪو ڪنو ويو
ڪو ترڪ، ڪار جي هيئان آٽي چٿيو ويو
هو سياست، لڄالت ۾ سازش جون خبرون
پٽائيءَ جي نگريءَ کي ڪيئن ڪيئن لٽيو ويو

—*—

ڪي قبيلائي رسمن جي وَر ويا چڙهي
۽ ڪي مذهب ڪي جنسيت تي قتلام ٿيا
ڪيئن نه ترقيءَ جي رستي کي طئي پيا ڪريون
پنهنجي پستيءَ جا چرچا سرِعام ٿيا

—*—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ عڪس جن ڪي نڪ جي ڦليءَ تي چٽڻ گھريم
سي وقت جي غبار ۾ گردش ۾ گم ٿيا
اَڪ جي ڦلي ٽريءَ تي رکي سوچيندو رهيس
ڇا ڇا نه حادثا هتي ماڻهوءَ سان ٿين پيا

--*--

ڪنهن ساز سُر سواد جو سؤنچو به سڻ ڪڏهن
هر وقت هر ڪتاب ۾ مرثيا نه ڳولھ تون
ممڪن آ هو هجوم ڪا سرڪس يا ڇڄ هجي
هر ميڙ گوڙ ۾ رڳو مرثيا نه ڳولھ تون

--*--

ڪراچيءَ جي ڳلين ۾ ماڻهن جا ماري
ڪوهستان ٿر ۾ پکين جا شڪاري
نالين جي نشانن تي جيوت نچي پيو
رتل سنڌ ساري، بهاري بهاري*

--*--

* ٿر ۽ ڪوهستان ۾ شڪارين جو جهنگلي جيوت کي مارڻ جون خبرون ۽ ڪراچيءَ جي قتل عام تي هڪ تاثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو دل جي نگر ۾ نه اچڻو نه وڃڻو
الائي ڇو پوءِ ٻيءِ ٻنا نيڻ آهن
جي واٽن تي ٻريا تو لئه لاٽ ٻڻجي
اُهي ٻئي اصل ۾ منهنجا نيڻ آهن

--*--

ڪو شخص جنهن جي ٻنهن پيرن ۾ ڦلڪڻا ها
ڪنهن ڪان به پر شهر مان ڪنڌا نه ٿي سگهيا
پنڇي لڇي قفس ۾ مرهم گهري رهيو هو
قاتل مزاج جڳ ڪان پويا نه ٿي سگهيا

--*--

لهوءَ لهوءَ ۾ ليٽرٽيل ڪو سج آرسيءَ لٿو
ته ڪر موڙي ڪيلاش مان، سانجهه مرڪندي لٿي
۽ ڪيف ۾ ذرو ذرو لڳو ته رقص پيو ڪري
جڏهن جو جهانجهريون ٻڌي نرتڪي نمي اُٿي

--*--



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لُهوءَ ۾ لڙڪ جي موسم پڇر ڇڏي ئي نٿي
قوم تان هڪ نہ ٻي ”تبسم“ اصل هٽي ئي نٿي
سڙي پئي سنڌ سڄي، سال لنگهي ويا ڪيڏا
بمن بارود جي بدبو آ، جا ڪٽي ئي نٿي

--*--

منهنجي ماسَ هڏ چم ڪي ميوزم ۾ رکجو
آرين وٽ اٿ- آرين جو آثار آهيان
جا سُڌڪي رهي آ سندوءَ جي ڪناري
تنهن اُجڙيل سيتا جو سنسارُ آهيان

--*--

مڇي نہ چاهُ تہ آڙاهہ کهڙي ڪم جو پرين
نہ ٻڃي آهہ تہ سو ساهُ ڪهڙي ڪم جو پرين
اچين تہ آئون ڪئلينڊر ڪٽي هٽي بہ ڇڏيان
ورنہ هي سالَ، گهڙيون، ماهُ ڪهڙي ڪم جو پرين

--*--



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان لڇڻ وارو مزو توکي ڇو ڏيان
تاڻ تڙپڻ جو نشو توکي ڇو ڏيان
تو ورهائي تانگھ "تبسم" کي ڏني
مَن، اهو پنهنجو حصو توکي ڇو ڏيان

--*--

مان سونهن جي سُرور جا خمار تو کنيون وتان
غماز، گهنڊ، گهور جا غبار تو کنيون وتان
نہ پڇ تون نينهن جو مزو، رڳو نشو آ زندگي
جنون، شوق، شاعري، خرار تو کنيون وتان

--*--

منهنجيون سوچون ۽ لوچون سڄي عمر جون
تنهنجن نيڻن جي آڳر ۾ ترسي پيون
مون کان ماٺهن پڇيو، ڪٿ ڇڏيون تو وتين
مون وراڻيو اُتي ئي جتي جون هيون

--*--



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجن نيڻن تي پير رکندو آءُ
مرڪندو مهڪندو تون مچندو آءُ
جو لِڪو آهين ڪهڪشائن ۾
آءُ پرين، هوريان هوريان لهندو اءُ

--*--

ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي پنهنجيون مجبوريون
ڪن کي وڏ، ڪن کي ٿوريون مجبوريون
پوءِ بہ تحفو آ زندگي، توڙي
جُهد جنجال، جهوريون مجبوريون

--*--

ماڻهو پنهنجيون وارتائون خود ڪنيون گهمندا وتن
اڻ مڪمل خواهشن جا لاش گهليندا وتن
روز منزل جي رکي هڪ آس نڪرن تا گهران
روز واٽن جي مٽين ۾ خاڪ ميڙيندا وتن

--*--



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو اڄ جو قطعو شهيدن جو
لفظ لفظ مرثيو شهيدن جو
ڪالهوڪي حادثي جو هر منظر
ڪربلا منجهه قضيو شهيدن جو*

--*--

وستي، هجومَ ماڻهو سراپا سراپيل
هڪ خوف جنهن ۾ لوڪ، گهٽيون، گهر ڏنل ڏنل
وحشت آ طاري، زاري هر ڪنهن جي وات تي
زنده آ زندگي مگر ڪفن ۾ ويڙهيل

--*--

هُن جو هر هڪ لفظ مون کي درد جو نوحو لڳو
هو مسافر، پاهران ڪجهه، اندران ڪجهه ٻيو لڳو
هن جي نيڻن مان بکيا پئي نير، پر ٿهڪيو پئي
خاڪ هيٺان چڙ هو مون کي چرڪندڙ تاندبو لڳو

--*--

* خيرپور پرسان ابل واهه ۾ بس ڪرڻ جو حادثو جنهن ۾ ڪوڙ جانيون ضايع ٿيون هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن وستين ۾ هر لحي الائي ڪيترا ماڻهو
پولارن ۽ پساهن کي ڳڻيندي عمر گهارن ٿا
۽ ڪلجڳ جي تاجي پيٽي جوڙڻ واري ڪان هر ويلي
هزارن حسرتن عيوض رڳو هڪ نانءُ چاهن ٿا

--*--

هُو نئون صبوح نئين آس ڪٽي پهتو آ
جو نہ هن رات جي سپنن کي الوداع چئون
تاندبو تمڪي يا تاندباٽو اُڏي واٽ ڏسي
ٻاٽ ۾ جو بہ ٻري، آءُ اُنهيءَ کي شعاع چئون

--*--

هن جسم جو اُهو حصو، خلش جتي گُناهہ جي
وڏي وڏي وجي ڪٿي وَبالِ جان نہ ٿي پوي
سوچيو اٿم تہ هاڻي ان ضمير کي ڪپي ڪڍان
جو پاپَ پُن جي سوچ ۾ چريو متان نہ ٿي پوي

--*--



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھيل ھيڏا جو ڳل ڦل ٽڙيا ھن ولي
تون اچين تہ پچان توکان، ڪٿ سي رکان
تنھنجين يادن سان دِل مَنُ ۾ دامن سجو
مان تہ سپرين اڳيئي پريون ٿو وتان

--*--

ھي ڪُو نيٽ اکين جا روھيڙن جي رُت ۾
ڪٿي ڪوڙ پھتا نياپا خزان جا
ٽڙن جون تنوارون پيي پاسڻ لڳيون ھن
تہ آيا ڪي آيا وڇوڙا اسان جا

--*--

ھر غم، غمِ جانان جي تصوير تي پئي
سنجري جو سڪ سرير ۾ تہ نير تي پئي
جھوراٽين ۾ جند جراتيون ڏئي مگر
جا آه، ساه مان اُٿي ھير تي پئي

--*--



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ پونءِ، پاڳ، هاڪ ۾ حرمت شڪار تي
پرمار هتان سنڌ جي ساهت شڪار تي
او ويچ! ڪائي واه وسيلو ته ورائج
وارو! جو منهنجي سونهن ثقافت شڪار تي

--*--

سياڻو آهين يار ساري لوڪَ ڪان
درد تي هر جاءِ دانهين تو پيو
هڪ طرف محبت جا ماڻين تو مزا
ٻئي طرف لوڪئون لڪائين تو پيو

--*--

هو نئون صبوح نئين آس ڪٺي پهتو آ
آءُ ته هن رات جي سپنن کي الوداع چئون
تاندو تمڪي يا تانداڻو اڏي واٽ ڏسي
ٻاٽ ۾ جو به ٻري چو نه تنهن کي شعاع چئون

--*--



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کي جو تو عشق چئين، جو سونهن کي
ياڻ ڏي قائل نہ مائل تو ڪري
عاشقيءَ ۾ سمجھ ڪا آهي ڪمي
درد جي، توکي نہ گھائل تو ڪري

--*--

جھونا ڳڙھ جي هڪ جوڳيئڙي، سيوھڻ ۾ سر جو دان ڏنو
لاثانين لاڦ ڏياچ سندي، ڀيجل کي ڀيھر مان ڏنو
سُر ساز کي سِرَ جو دان ڏئي، سنسار سان سن مڪ ٿيو سامي
رمتي پڻ ساڳئي ريت ڪئي جيئن سرءِ هو ڪلھ سلطان ڏنو

--*--

ضروري ناهي تہ ڪو سال يا صديون سوچي
ڪنهن سنگتراش جي تيشي جو تاءُ ڪافي آ
جنهن شاهڪار لاءِ طي آ تہ سرجڻو آهي
اُنهيءَ کي هٿ جو ڪو هلڪو ڇُهاءُ ڪافي آ

--*--



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي ايئن ئي لڳو، رات چاندبوکين،
تنهنجي چولئيءَ چڳن ۾ لڀيون ئي هنيون،
مان لچيس پئي ته ڪو گيت وائي لڪان،
پر سنُون تنهنجن وارن ۾ وچڙيون رهيون.

--*--

ڪنڊ، گيهه، لوڻ مرچ جي ڳڻتي ڪجي
دل جي لَڄَ پُڄَ لوچ جي ڳڻتي ڪجي
پيٽُ پئسا، يادون طلبن وقت تيون
دوست! ڪنهن ڪنهن خرچ جي ڳڻتي ڪجي

— ◉ —

مان هٿن جون ريکائون بيٺي ڏنيون،
هُن پڇيو چو چا تو ڳولهيندو وتين؟
چُيمر! ته توکي جاچيم پئي جانِ جان،
چيائين! چو مٺ ۾ هوائون تو جهلين.

--*--



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بيت

چيلي چڙهيو چنڊ، چڪيا چاڪ فراق جا
ساڄنَ سڪ سرير ۾، اٿاهون سمونڊ
جيءُ سمورو جنڊ، پينهجن پريتڻيون

--*--

مندن جو مُحتاج نہ آئون، مندون مون سارين
لوچي لفظ لغات مان، آڻيو مون آچين
”تبسم“ پيون تاڻين، سوچون سپرين جون

--*--

ڪتيون، ڪڪر، ڪهڪشان تنهنجو منهنجو چاھ
وصل جو ويساهُ، وَرُ نہ ورجايون پرين!

--*--

سَچُو سات سڄاڻ، مُهت گهرن تا مگَّتا
اوڊي الفيون عشق جون، مِٿائي ميراڻ
آسڻ تنهنجي آڻ، نمائن نيراڙ کي*

* ٩٦-٢-۴ تي سچل سرمست جي ساليانې ميڙي واري ڏينهن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل، گيت، نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

نير ٻڪ ۾ اوهان جهليو ته ميان
مَڇُ هٿن ۾ ڪٺي ڪلو ته ميان

نيڻ پڇريا پگهر پهاڙ ڏنا
هاڙُهه جهوتا ڪندا هلو ته ميان

دل جو ڏڏڪو لنوايو تا مجيمر
اڪ جو اوتر مگر الو ته ميان

جيئن پڇي پڇري ٺهڪ ڏيون تا اسان
تيئن توهان ٻي ڪري ڏسو ته ميان

آڳ چٽنگن نه چوچڙين ڪي چئو
جند جوتون ڪري جلو ته ميان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ۔ بتي بلب يا ڏيئو ڇا ٿيو
شوق شعلا ڪري ڇُلو ته ميَيان

هوئن ته محبت گهڻو مزو آ مگر
تانڻ طوفان ۾ لهو ته ميَيان

ڪاوا ڪندا تتا تڪا "تبسم"
مُرڪندا مهڪندا ملو ته ميَيان

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

او برکا رُت جي چاندوڪي، تون اُپ تان اڄ لهين متان
ڪا سونهن ورڪا پئي ڪري، سڏي پئي زندگي اجان

هو چنڊُ چوٽري تي چڙهيو ۽ گيت گگن تي ٻريو
تو چئين ته ساز تي چڙان تون چئين ته جهانجهريون ٻڌان

هي مُرڪ مڌ جو ماتيون او موکي ڏي پريون پريون
وري وري ڏي وه وتيون امرتا اوت ڪر اجان

هي واءُ کي هُڳاءَ جي مليا تنهنجي ڇهاوَ کان
جتي تئي ڇات مُرڪ جي ڦٽي پره اُتان اُتان

ڪو هنج سَر متان اُڏيو ته تيو گمان تهڪ جو
تي ڊيل مور مست ويا، ائين سکئين تلڻ ڪتان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي چئين تہ جهومان واءُ تي ۽ اُپ تائين وجان اُڏي
يا چئين تہ ڪارونجهر جيان ٽڪر ڪو اڻ ٽريو ٽيان

هي منهنجيون ٻانهون پالڪي تون گهمر گگن تي گاج تي
۽ بادلن تي ڏر قدمر پدمر پدمر ٿئي ضوفشان

چوين تہ سارا سوجهرا ۽ سونهن توکي سونپيان
ڪتيون ستارا ڪهڪشان آءٌ تنهنجي ڳُٽ ۾ ڳنڍيان

هي چولي چولي سمونڊ جي ڇلي پئي تنهنجي چال تي
تون ڇا هين توکي ڇا خبر آءُ ڏس منهنجين اکين وٽان

ڪا ڪؤنرو ڪاهيندي اچي مجاز ۾ متي وتي
او داسڙا! تو در مٿان ڪنهن حسن اچ ڪئي هلان

هو چنڊ تنهنجي آرسي ۽ سونهن ڇڙ سرسوتي
هي رات "تبسم" اُتي چوڻ لڳي چمان چمان

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ماڻ وسارڻ جو وس ڪيان ٿو پر
تون پي يادن کي مَنَ پليندو ڪر

سوچون طوفان زلزلا يادون
ايڏو اوتر نہ موڪليندو ڪر

تنهنجي صورت ڪٿي نہ روز ڪڙي
چنڊ کي، ٿي سگهئي، جهليندو ڪر

سيئي رشتا ٽٽا تہ پوءِ مون کي
خط . مِيارون دُعا نہ ڏيندو ڪر

وقت، ماضي وصال جون گهڙيون
منهنجي وَسَ ۾ ناهن نہ گهرندو ڪر

جا بہ گذري، گذر ٿي وئي ”تبسم“
ياد مون کي نہ هاڻي ايندو ڪر

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ايتريون جيتريون مينهن ڪٽيون اڻ ڳڻيون
چاه جون چاشنيون تو ڏنيون اڻ ڳڻيون

پاڪرن جون پريون ڪنوٽيون گاج سان
روحُ رچيو رَجَ تيا، تنهنجيون مهربانيون

ٻن چپن سان چڪي وئين تون ماڪيون مکي
لُونءَ لونءَ لارَ تي، چاه چُسڪيون پريون

ونگ تو اهڙا وڌا ڏنگ سيئي ڏوڙ تيا
اَنگ اَنگ جلترنگ رنگ، اُمنگ، روشنيون

سڪ منجهارون سريون چاه پريون چوچڙيون
اڳيريون جيتريون لُونجهه اوڏيون لُريون

ڪنهن مان "تبسم" ڪنهن کي واڌو ڪاٿو ڪجي
هجر واري هڪ گهڙي ملڻ جون اڻ ميون

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪو سونهن جي ڪپر تان اُجارو اُجارو
وڃي پيو تـو واپس ڪندو روح راڙو

نظر تـو ملايان، نظر تـو ڦيرائين
مورت تـو واريان، اکر تـو پلائين
ڪٿي ڪوٽ سان وئين منهنجو مُوُر سارو

مان سمجهان تـو گهنڊ پائي گهوڙڻ جو مقصد
۽ چپُ چَپ تي چاڙهي پيڪوڙڻ جو مقصد
وانجهي ٻئي پتاشا تـو ڏئين لوڻ کارو

ڏڪاريئہ ”تبسم“ ڏُتاري وئـين هان
ڪنـو هيئہ تہ چا هو جياري وئـين هان
ڪو ياڪر، ڪو بوسو، ڪا اک، ڪو اشارو

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

قلندر قلندر قلندر قلندر
سڄو تہ سڄايانوَ اندر جا اوتر

وسيلن هوندي ٻي ويڌن ۾ آهيون
رُڳو رهزنن جي گهيرن ۾ آهيون
وڪوڙي ويا ويري سيئي واهون ۽ وَرَ

پڌتر ۾ آهيون ڪيئن ناؤ اُڪاريون
آ ترَ ترَ تي طوفان ٻُتو ئي نہ ٻانيون
جوهيون ڪيڏيون جوليون، نہ اڙ نہ ڪا، ڪڙ

ڪلاچي ڪڏهن ڪان ڪري روج رڙڪا
صبوح شام ڪڙڪن ڪلاشن جا ڪڙڪا
منجهي موررڙا پيا پسي مَچ ۽ مانگر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم ظرف ڪن پيا ورهائڻ جي ڪوشش
سنڌوءَ جي ڏارا سُڪائڻ جي ڪوشش
ڪو ڪلياڻ ڪر تون ڪبريا ڪيمياگر

جيجل جي جهولي جا ڪنهن پيي نہ ڪولي
پڌي ڪنهن نہ پچڪر نہ هونگر نہ لولي
نہ ڪنهن سينڌ ساري نہ ڪنهن ڇَڳ نہ چادر

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

اسان آڳر ۾ جيڪڏهين هوائن جي رکي رُخَ تي
جلايون ميڻ بتيون ته ان ۾ ڏوهه ڪنهنجو آ

خزائن ۾ گهمون ٿا پيا سجائي خواب چيٽن جا
ڪيريءَ ۾ قول قوليون ٿا ته اُن ۾ ڏوهه ڪنهنجو آ

ٻيٺل آ ٻوڏ ٻارن ۾ مگر پوءِ ٻي اسان ماٺهو
چئيون ٿا ڪوئي ٻيجارو ته اُن ۾ ڏوهه ڪنهن جو آ

وسي پئي زور سان "تبسم" ڪڏهن ڪان خون جي بارش
جي ڪڙڪي پوءِ به ڪوليون ٿا ته اُن ۾ ڏوهه ڪنهنجو آ

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

هوائن کي روڪيو صدائن کي روڪيو
او مَنَ! تانگھ جي هن طوفانن کي روڪيو

هي نس نس نچي پئي پچي پئي مچي پئي
ڇاتي تولئہ آتي ڇُلي پئي ڇجي پئي
۽ لُونءَ لونءَ لڇي پئي سنيارن کي روڪيو

هجر ۾ هڄان ٿو هنجن ۾ پڄان ٿو
سمونڊ آ وڇوڙو ٻڏان ٿو تران ٿو
رڳو تاڻ ۾ ڇڪتاڻ اولانين کي روڪيو

صبوح شام پاڇا پريشان ڪن ٿا
ماضيءَ جا ليئا مون کي حيران ڪن ٿا
او لوڪو او لوڪو لياڪن کي روڪيو

ڇڏيو ڇو ڪنديريو ٿا يادن جي خوشبو
مينديءَ ٻوٽا لحا ۽ ساهن جي خوشبو
مڙو جانِ جانان عذابن کي روڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکي ٿو ڏڄي ٿو ٻکي ٿو مڇي ٿو
نشانبر آ ناتو مگر منُ اُلي ٿو
جڇهان ٿو، جلان ٿو، جولانن کي روڪيو

جهوتا، دل- جهروڪن کي جهيرون وجهن ٿا
پولارن جا پڙلاءَ سيرون وجهن ٿا
غفائن ۾ گهلندڙ هُڳائن کي روڪيو

مڇي نينهن مچريو ته اُڌما نچي پيا
تتي تانگهه ”تبسم“ ته آڙاهه ٿي پيا
متيون مَنَ جو تارون، ربابن کي روڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪا دلفريب زندگي نظر ۾ پيهجي وئي
هوءَ ڪير هئي جا آئي دل- نگر ۾ پيهجي وئي

جمال جوت سان جڙيون هزارين پدمڻيون پريون
لٿي جو هُوءَ جل پري اندر ۾ پيهجي وئي

هي آرسي ڪٿو اڳيان، هٽايو ساريون روشنيون
هوءَ عڪس، سوجهرا ڪٽي پڌر ۾ پيهجي وئي

هي ڏامرن جا روڊ جن تي زندگيون روان دوان
۽ عمر جا ڪنهن بلب يا پٿر ۾ پيهجي وئي

هميشه پنهنجي گهر چو مان اچان تو ايڏي دير سان
هُوءَ سوچي سوچي اڻ لکي فڪر ۾ پيهجي وئي

شاديءَ جي رات جو وڳو ۽ جهمڪيون ترينڪ ۾ رکي
صبوح جو پنهنجي گهوٽ واري گهر ۾ پيهجي وئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ گهر جي چت جا مينهن ۽ نہ سيءَ کي جهلي سگهي
اُنهيءَ کي هُوءَ تکي پتر ۾ پيهجي وئي

کاوڙجي ڏار تي ستس تہ هوءَ الائي ڪنهن مهل
سُري پري اُتي وري بہ پر ۾ پيهجي وئي

لقن کي چُمندي چيم تہ سخت آهي زندگي
هُوءَ مرڪي جنڊ جي نئين چڪر ۾ پيهجي وئي.

مهيني پن جي لاءِ "غفار" اُڌار چو نہ تو وٺين
مان کيس خار ۾ ڏنو پگهر ۾ پيهجي وئي

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

روشنين ۾ اونداهيون ڪتان تيون اڇن
سوجهرن کي هي ڦاهيون ڪتان تيون اڇن

پيار جي ڪِڻ کي پيي ڪائينديون تيون وڇن
الله ڄاڻي اُڏوهيون ڪتان تيون اڇن

واهيرن ڏانهن ورندي ٻه ڊڄندا رهيا
آسمانن ۾ ڪاهيون ڪتان تيون اڇن

ڪوس گهر ۾ چاندوڪيون ڪنيون پئي ويون
مورَ ماڻهن جون دانهون ڪتان تيون اڇن

روز جذبن کي سنگسار ڪيو ٿو وڃي
روز نرڄن ۾ چاهون ڪتان تيون اڇن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنھنجي يادن جو ملھار ھو جاڳ ۾
ننڊ ۾ پر اُمارڙيون ڪتان تيون اڃن

اندلت خود فريبي ۾ ڏوھي لڳي
اڄ ھي اُڏمن کي باھيون ڪتان تيون اڃن

ھر ستاري کي "تبسم" ھئي ھتڪڙي
سوچ کي پوءِ بہ ساھون ڪتان تيون اڃن

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو نالو ته لار جهڙو هيو
خوشبوئن ۽ بهار جهڙو هيو

تنهنجي نالي ۽ ذڪر ۾ جانان
لطف چنگ ۽ ستار جهڙو هيو

تنهنجي ديدن جي سڌ نه پئي تو کي
ڏامڻ، ڪنڊيءَ يا ڄار جهڙو هيو

چنبڙ، پاڇا، هڳاءَ، سمونڊَ ڪپر
سارو ماحول سارَ جهڙو هيو

تو چيو تڏهن چپ ڪئي ”تبسم“
نه ته چريو لفظ خار جهڙو هيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

عيد جو چنڊ ڳولهن ٻيئا
ماٺهو اپ ڏي اشارا ڪن ٻيئا

هوءَ ڪڙڪيءَ ڪان چنڊ ڏسڻ ٻيٺي
هن ڪي سپ چنڊ تا چون ٻيئا

ٻين ڪي جلون جي سڌِ نہ آ جانان
جن ڪي ڪل آهي سي ڪڙهن ٻيئا

چنڊ جي سامهون آئي چنڊ چيو
عڪس روڪيو اهي چين ٻيئا

هُن دري ڪولي بند ڪئي "تبسم"
جيڪي جت ها اتي سُڪن ٻيئا

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تانگھ تنبي جي تارَ، نہ روڪيو لوڪ ٻڌي
ڇيرين جي ڇمڪارَ، نہ روڪيو لوڪ ٻڌي

ٻُوھ جي ٻارن ڦوھ ڦلاريا شوقن جا
لونءِ لونءِ جي للڪار، نہ روڪيو لوڪ ٻڌي

عشق اولانيا جيئن تتا تيئن جرڪي پيا
ٽاندن جي ٽچڪار، نہ روڪيو لوڪ ٻڌي

نينھن گجي تو شينھن جيان شريانن ۾
گونجي ٻلي گجڪار، نہ روڪيو لوڪ ٻڌي

ٻيڄ ٻنيءَ جو هيرون سڏڪيون اوتر تي
جھونجھڪڙيءَ جي جھار، نہ روڪيو لوڪُ ٻڌي

جذبا ڦٽڪيا، اُڀريا خواب انگاسن تي
دردن جي ڏڏڪار، نہ روڪيو لوڪ ٻڌي

شوق "تبسم" شوڪاري تو ڇوھ منجھان
ڇاتيءَ جي ڇڇڪار، نہ روڪيو لوڪ ٻڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪنڌيءَ تي ڪو ڳيرو، نماشام ڏاري
اڪيلو اڪيلو، نماشام ڏاري

اڃهو چنڊ اڀريو اڃهو ياد آئين
هينئون ڀيرو ڀيرو، نماشام ڏاري

اڃان تو اڃان تو، سارو ٽين کي چئجو
وڃائن نہ پيرو، نماشام ڏاري

تکو تيز طوفان، گجگوڙ اڀ تي
گهٽائن جو گهيرو، نماشام ڏاري

اسان گهاءَ "تبسم"، مسين هن وساريا
وري تا وکيريو نما شام ڏاري

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

جيون تماشو آهي ۽ جويـن تماشبين
پاڇولا عڪس يادون ۽ درپن تماشبين

هيڏي وشال سمونڊ جي ڇوليءَ ڇڏي وئي
ڪپ تي ڪکن ۽ ريت جي مٽ ڪن تماشبين

تيسين ٻه لڙڪَ هجر جو نقشو چٽي ويا
جيسين نظر جي ڪَربَ کي سمجهن تماشبين

اڄ رات خواهشن جا نه زندان کولجو
ڪنهن قتل جي تلاش ۾ آهن تماشبين

مان زندگيءَ جي گيت جو مقطع ڇيو پئي
تاڙيون، هجومَ، هُوڪرا سڀ هن تماشبين

تيسين نهار جون ٻئي قنديلون ٻارجو
جيسين خواب پيچرا هٽ ڪن تماشبين

اوتر ڪي ڇنڇو ايتريون يادون نه وائري
"تبسم" جي تانگھ تي متان ٿهڪن تماشبين

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊙

خوابَ! خوشبو گلابَ چاھِن ٿا،
رڻ مسافر! سرابَ چاھِن ٿا.

ھيڪلا ھا ھنن ھجومن ۾،
چريا! خود ئي عذابَ چاھِن ٿا.

سرد راتين ۾ سڏڪندڙ لمحا،
آسرن کان جوابَ چاھِن ٿا.

عشق مجنون ۽ نہ ميھارُ ڪيو،
يارَ ھن، احتسابَ چاھِن ٿا.

سُونھن پوڄڻ ثواب آ، پر ڪي،
سونھن سازي ثوابَ چاھِن ٿا.

تانگھ 'تبسمؔ' تي مچي نہ سگھي،
شوقَ! چُلندڙ شرابَ چاھِن ٿا.

⊙



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪنهن ڳاتو پئي پيار جو سرگم
ٺهڪ، مرڪون، ملهار جي موسم
مشڪ موتيا هئا فضائن ۾
ڪينجهر ڪپ تي بهار جي موسم

--*--

هشيون هُنن ڪي ڏيئي، آتت اسان کي ڏيو ٿا
زخمن تي مرچ ٻرڪي، مرهم به اڇيو ٿا
اکين ۾ ٺنبي ڪنڊا، ٽاندا رکي هٿن تي
واه جا حريف آهيو، ماتم به گڏ ڪيو ٿا!

--*--

هڪ ٻاگڙياٽيءَ هڏڪيون ڀريندي ڪيو سوال
هيڏي وڏي انياءَ تي ڇو آ سپن کي سانت؟
آهي ڪو ڪائنات ۾ ڪيڪيءَ جو واهرو؟
ڪيس ڇيم ڇري ۾ روح نه آهين وينا حيات

--*--



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⦿

ياد ئي ياد هُئي هوائن ۾،
ڪيڏا زنجير ها فضائن ۾.

مون ڪان تنهائيون پُڇڻ آيون،
سڏڪا گهٽجي پيا وراٽين ۾.

خوشبو ڪنڊيريندڙيون ويون گهر ڪان،
ڇا ته جادو هيو سنيارن ۾.

ڪنهن پڇيو آنڊ مانڊ جو ڪاٿو،
چيم! گجگوڙ گهٽِ گهٽائن ۾.

نانءُ ٻڌندي جَبين جُهڪي پيئي،
هڪ گناه پيو اڳين گناهَن ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ اُبريو هو ڪنهن جا عڪس کڻي،
۽ ستارا لڪيا نگاهُن ۾.

دل جا ڪشڪول جيئن جو تيئن رهيا،
جهولَ ٽڪجي سُتا دُعائن ۾.

سڏڪا سڏڪا هو سارَ جو عالم،
تانُ 'تبسم' ٽٽي صدائن ۾.

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

درد جي دوا نہ ڏي
ڪنهن بہ موڙ، وات تان
او پرين صدا نہ ڏي

يادون، عڪس، آئينا
نيڻ ٻئي ڀنا ڀنا
چيٽ واري چنڊ کي
چئو تہ اولڙا نہ ڏي

ضبط تو ڪيون وتان
امتحان وٺين متان
مَنَ! متان تتي پوان
گھاوَ ايترا نہ ڏي

تون پري ۽ مان پري
وقت ويچا ويو ڪري
هو دود جي ڏُکن پيا
اُنهن کي ايئن هوا نہ ڏي

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

سڪ جي سرڪي پياري
محبت جا مَچَ ٻاري
ڪا سار تہ لهبي آ...

ڏوٽيو تا وَڻُ ناهيان
ساڙيو تا ڦُلُ ناهيان
جندڙيءَ کي جهونجهاڙي
ڪا سار تہ لهبي آ...

دل واري عجوبي کي
ڪنهن عيد جي تحفي کي
الماڙيءَ ۾ ڌاري
ڪا سار تہ لهبي آ...

وٽِ تيل وڃي ٻرندو
سڪ سوز وڏي رهندو
اوشاڪ کي آزاري
ڪا سار تہ لهبي آ...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڙاه ۾ اڀران ٿو
من، پيار ۾ پڇران ٿو
راه ويندو روناري
ڪا سار ته لهبي آ...

ڪنهن چيٽ جي ٻاري ڪان
اڌ رات جي تاري ڪان
پڇجو ته ڪنهين واري
ڪا سار ته لهبي آ...

ڪويل جيان ڪوڪاري
تبسم پيو توڪي ساري
هر شامَ شفق ڌاري
ڪا سار ته لهبي آ...

◉

◉

توسان نيڻ مليا
سوچون سيڻ ڪليا
جڳ جلندو رهيو

سُرڪيون سڪ ساغر
ڇڇڪيا ۽ ڇلڪيا
جڳ جلندو رهيو

بوسا ٻاڪر ٻڌا
تو مان روڪي نہ سگهيا
جڳ جلندو رهيو

جذبا اڳ ئي اَجَهل
چند تيئن چوريا
جڳ جلندو رهيو

ڪڪريون تہ ڪڪريون
ٻٽڪيا پئي ٻيلا
جڳ جلندو رهيو

ڪنهن پي ڪين سٺا
تنهنجا منهنجا ميلا
جڳ جلندو رهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪن جي پڌيان
سيئي ساڙن سڙيا
جڳ جلندو رهيو
هڪ هو "تبسم" اٽلُ
پيو نہ مُحب مڙيا
جڳ جلندو رهيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⊚

پاڳل دل پڇتاءُ نہ ڪر
سياڻي ٿيءُ سوداءُ نہ ڪر

ڪڏهن من ڪارهو ڪڏهن اڪ ڪکري
جيءُ ڪڏهن جهونتو بعضي دل سگري
تانگھ تي ايڏو تاءُ نہ ڪر
سياڻي ٿيءُ سوداءُ نہ ڪر

ڪجھ منُ وسڪيو ڪجھ تو آچي
مچندي ائين وني مَنَ ياري باشي
چوٽِ چڙهيءَ ڪي آءُ نہ ڪر
سياڻي ٿيءُ سوداءُ نہ ڪر

جهونتا هوا جا جهجهڙ مچائن
تانگھ کي "تبسم" تيڻن تپائن
عشق کي منَ ايذاءُ نہ ڪر
سياڻي ٿيءُ سوداءُ نہ ڪر
پاڳل دل......

⊚



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

غم کي پرڀرو رکي
جهوم جهول زندگي
آءُ تہ جام اوتيون

ڇاتي آگ تي ٻري
رقص رات تي ڪري
آءُ تہ جام اوتيون

ڪهڪشان آ زندگي
چانڊوڪيون ڇوڻ پيون
ميڪدي جي ماڻي کي
روشنيون چمن پيون
آءُ هليو اُڏي ڪري
رقص رات تي ڪري

ڀهڙي سهڻي سانجهہ ۾
ٻانورا ڀريو نہ گهم
زندگيءَ کي ماڻ تون
سانورا سڙيو نہ گهم
ڪڻ وڪون ڀري ڀري
رقص رات تي ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين شراب شام کان
ڇال ڏئي ڇلي پيو
ڇڻ ته ڇيٽ ڪيٽ ۾
مور ڪو ٿلي پيو
سونهن پئي سڏي سڏي
رقص رات ٿي ڪري

جيترو وٽئي ته پيءُ
اُداس ايترو نه ٿيءُ
جهوم ڇيڙ جلترنگ
ڳاءِ تبسمُ اُٿي
تانگهه ڇڏ ترو ڪري
رقص رات ٿي ڪري
آءُ ته جام اوتيون

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

جنهن توکي ننڍ ۾ جاڳ ڏني
اوڏات! امرتا اجهاڳ ڏني
ڏسِ تنهن ڪويءَ کي ڇا ڇا تي ڏين

جنهن تنهنجا هيڏا جهول ڀريا
کيڏا ڪورا ڪشڪول ڀريا
تنهن سنت، ساميءَ کي ڇا تي ڏين

جنهن ڀنيرڪين جا دان ڏنا
رُتِ، راتين جا ٻليدان ڏنا
اُن جند جليءَ کي ڇا تي ڏين

هُنَ توکي ڏول اڏول ڏنا
جَر ڇاتين مان ڇا ٻول ڏنا
تون اُن آويءَ کي ڇا تي ڏين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙي هئي، ڪسي هئي، ڇا ٻہ هئي
تو سان تہ سچي هئي، جا ٻہ هئي
ڇڏ جوت جهريءَ کي ڇا ٿي ڏين

جنهن ليڇ پيچ کي ڪا لات ڏني
"تبسم" کي انوکي تات ڏني
تنهن تانگھ تتيءَ کي ڇا ٿي ڏين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

شعلا شعلا باهيون ٻاري
دردَن کي تون دکائين تو
خاڪ ۾ ٽاندا چڻنگون آهن
خاڪ کي ڇو کنڊرائين تو

باک ڦٽيءَ جو ٽاڪ ٽٽيءَ جو
يادون تنهنجيون شعاع ٻٽيءَ جو
ساونڻ ۾ ڇڻ هير ڏکڻ جي
يا گل غونچ کو چيٽ ڦٽيءَ جو
ايڏيون ساروٽيون ڪيئن وساريان
ڇو مون کي سمجهائين تو
شعلا شعلا باهيون ٻاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پور الائي ڪيئن پليا هن
جذبا پنهنجا ڪيئن جهليا هن
ديوانن ڏي دل وارن ڏي
پٿر ائين نہ اُڇلبا آهن
چوٽون ڏيئي چُرچون ڏيئي
مستن کي مچرائين ٿو
شعلا شعلا باهيون ٻاري

آئيني ۾ عڪس آ تنهنجو
ساندي رکيو آهي ڪڏهن جو
تون ڇا ڄاڻين تون ڇا سمجهين
سڀ ڪجھ اهو آهي "تبسم" جو
خيال نہ ڪر ڪو، ڌيان نہ ڌر ڪو
چو شيشو اُڇلائين ٿو
شعلا شعلا باهيون ٻاري

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪتيءَ ڪان پڇ تہ ڪيئن راتيون
مان لڇ پڇ ۾ ڪٽيون آهن
تتيءَ ڪان پڇ تہ ڪيئن تو ريءَ
اندر ۾ ڏرتتيون آهن

پڇين تو ڪيئن پچان تو پيو
مان ٿانڊن تي تپان تو پيو
ها پر پوءِ بہ مچان تو پيو
هي باهيون تو ٻچيون آهن

ڏنم توکي تہ سوچيم پئي
تہ ٻئي اچ عيد ملنداسين
مگر منهن ڦيري وئين گذري
هي ڪهڙيون دل لڳيون آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سھائيندين، سھي ويندس
ستائيندين، سڙي ويندس
ھا پر جڳ کي چئي ويندس
ڏوکا ھي دوستيون آھن

ناھي جي او پرين توکي
يقين "تبسم" جي اکين تي
تہ پوءِ شاھد اوجاڳن جا
ھي چنڊ تارا ڪتيون آھن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين جا جلوا اندر جا اُڌما
ھئان تون سمجھين جوان نہ ھوندا

اُداس ڪيڏي آ رات ٿاڌي
نہ چنڊ اُڀ تي نہ پورنماسي
تون آءُ لڪايان سڄي اداسي
نہ اک جا ڳوڙھا نمايان ھوندا

ھي تنھنجي آجيان، ھٿان ھنبوشيون
چپر وڇايان جلايان جوتون
اکين جون ٻنئي ٻاريان ڏياٽيون
چپن تي تنھنجا ترانا ھوندا

پڇين ٿو توريءَ ڪيئن جيئان ٿو
اکين ۾ اوٿر ڪنيون ڪلان ٿو
مان تانَ، طوفان جيئن جھليان ٿو
تو اھڙا منظر ڏٺا نہ ھوندا

ھي پوہ پارا، ڪتيون، ڪنارا
تنھا "تبسم" اُداس ٻارا
اھڙي سمان ۾ اوجانِ جانان
چپا نيڻ منھنجا چليا نہ ھوندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪٿي جام ڳايو سونهن کي سنواريو
اسان مي پيئڻ ڪاڻ پهچي وياسين
اوهان اڄ اسان کي پيئاريو اکين مان
پرين جام مان پي ٽڪجي پياسين

ڏسو اڄ اندر کي ڪيڏو هيج آهي
اوهان وٽ اچڻ جو سڄو ڇيڄ آهي
اوهان وٽ اچئون ٿا ته جهومي پئون ٿا
اوهان کان الڳ ٿي سڏڪي پياسين

اسان کي اصل کان اهو شوق آهي
ته جيڪر اکين سان پيئاريو اسان کي
اسان جام تڏهين ته او جانِ جانان
اوهان جي اچڻ بعد اُڇلي ڇڏيوسين

اسان مست ماٺهو نه ڪنهن جا مياري
ڇا ڄاڻئون "تبسم" ته ڇاهي خواري
هجي ها جي پيو ڪو ته ليڪا ڪجن ها
اوهان پئي ڏنو ۽ پيئندا وياسين

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياري تو کا رکي نہ هئي
او البيلا تون ڇا ڄاڻين
سنگت توکا سکي نہ هئي
ياري تو کا.....

ماکيون، مصريون ڳڙ ڳنڊيريون
مڇيم کوڙ مٺيون
ها پر منهنجا جاني ڪڏهن
چاهت تو کا چکي نہ هئي
سنگت تو کا.....

روز رنگين پيو انگ انگ پنهنجو
مشڪ، مساڳَ ملي
عشق جون هيڪارون ڇا سمجهين
محبت جو تو مکي نہ هئي
سنگت تو کا.....

نينهن نڪارين عشق اُجارين
"تبسم" ڪيئن ڪنهنجو
تنهنجي نہ من ۾ چاهڻ واري
چڻنگ ڪڏهن کا ڏکي نہ هئي.
سنگت تو کا.....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جل ٿل جاني
پنهنجي ڪهاڻي

مرڪ ڇپن تي
اڪ ۾ پاڻي

ميڻ بتيءَ جان پگهري پئي آ
تانگھ تتيءَ ۾ تڇڪي پئي آ
چاھ چري دل ڪيڏي اياڻي...
مرڪ ڇپن تي...

اڻ ڪٽ پنهنجي پيار جو ناتو
ڪينجهر منڇر ناهي ڪاتو
ساگر ڪان سڪ وَڌِ ساماڻي
مرڪ ڇپن تي...

اوتر "تبسم" ڪيئن الاڻ مان
عشق اياڻو ڪيئن جهليان مان
پريت جُڳن ڪان پنهنجي پراڻي
مرڪ ڇپن تي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

نينهن نچي يا آئون نچان
ڳالھ مچڻ جي آ يارو...

بلب ٻري يا ميڻ بتي
تانگھ تپي يا ريت تتي
ڳالھ پچڻ جي آ يارو...

ڪاتيارين جو چا تنهن سان
ٻرهَ پڙايو ڪنهن ڪنهن سان
ڳالھ ڪتڻ جي آ يارو...

اک جاڳي يا ڪُک جاڳي
عاشق ازلئون پيو جهاڳي
ڳالھ لُڇڻ جي آ يارو...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

لُونءَ لڇي يا لات رَڇي
ڪُوڪَ ڪتان مَنَ ڪا تہ اَچي
ڳالھ ڪُڇڻ جي آ يارو...

جھونجھڪڙيءَ جھوپا جا ڳيا
سُورَ ڪاھوڙين جا ساڳيا
ڳالھ جُھرڻ جي آ يارو...

تن تانگھي تنھنجي سانگي
آءُ ھليو جڳ اورانگھي
ڳالھ ملڻ جي آ يارو...

سونھن سٽيو ۽ نينھن جھٽيو
"تبسم" جو تہ اھو پٽڪو
ڳالھ پٽڻ جي آ يارو..

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

جُھومي جھانجھر پاءِ،
ويلَ ھتان نہ وحياءِ،
مُرڪِي، مھڪي ڳاءِ.

مَنَ آڱر تي مھڪيا موتيا،
چندَن چوتا پاءِ...
مُرڪِي، مھڪي ڳاءِ.

گھن گھن گرجن گھور گھٽائون،
چير اُتي چمڪاءِ...
مُرڪِي، مھڪي ڳاءِ.

ڪنوٽين ڪيلَ وڏا آگمر تي،
رم جھم رنگَ رچاءِ،
مُرڪِي، مھڪي ڳاءِ.

او ڙي! بادل آءُ اڱڻ تي،
جَلَ ٿلَ جُھمريون پاءِ...
مُرڪِي، مھڪي ڳاءِ.

چاھ جو چُسڪو چنگُ چپن تي،
’تبسُم‘ تاڻ تپاءِ...
مُرڪِي، مھڪي ڳاءِ.

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— ◉ —

کلندو وتان تو
رُئندو وتان تو
تانگھ تتيءَ ۾
تپندو وتان تو

دل منجھ ڏڏڪا
اک منجھ ڇوليون
تارِ درياهَ ۾
تَرندو وتان تو
تانگھ تتيءَ ۾...

تار تنبورو
چنگُ يا چُوڙو
گھنڊُ، گھڙو تي
وڄندو وتان تو
تانگھ تتيءَ ۾...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُڌمـــا ۾ اولا
جهـوريون، جـهـولا
شـوق، شـوڪـارا
ڇُـلـنـدو وتـان تـو
تانگهه تتيءَ ۾...

گهايَلُ آهـيـان
ڪـيـئـن اُڏامـان
وِڳـر ڪـان وڇـڙيـو
وَسـنـدو وتـان تـو
تانگهه تتيءَ ۾...

سارَ جـا سيـڪـا
ڄَرُ ڪڍهن ڄرڪا
بـاهِ ٻَـٺـيءَ ۾
ٻڪندو وتان تو
تانگهه تتيءَ ۾...

تانُ جو طُوفان
سانديون سِين ڪان
نينهن ۾ ”تبسُم“
نچندو وتان تو.
تانگهه تتيءَ ۾...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

⑭

ٿر لاڙ سرو وچ

زنده باد.....

ماتر ڀومي جهومي ڳائي
پڳ پڳ ٿيو پائنده باد
ٿر لاڙ سرو....

سرما، سرتيون، سينڌيون سهرا
چاٽا، ماٽا چوٽيون چؤنرا
گهاٽ، گهٽيون گهر گهوٽن گهيرا
جُڳ جڳ جرڪيو آدجڳاد
ٿر لاڙ سرو....

هاريءَ کي هرُ جوڙي سونهي
ناريءَ نيسر دهري سونهي
هٿِ هٿ اُکري مهري سونهي
سونهي سنڌ جو نر ۽ ماد
ٿر لاڙ سرو....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوندر، ڪوپا، دودا جاڳيا
اجرڪ، پٽڪا، اوڏا جاڳيا
ڏاتي ڏول ۽ ڏوڏا جاڳيا
تڙ تڙ ٿيو تابنده باد
تر لاڙ سرو....

دنگن تي ڏپ ڏڏڪيا ڏوڙيا
لوٽن ڪيڏا لاش نپوڙيا
انگن تان مِڪ ماس مروڙيا
داد نہ مارن جي فرياد
تر لاڙ سرو....

پونءِ ڪي هڪ ويري تو پيلي
روح پڇايو رَتُ جي ريلي
قوم جا تاڪا ويو اُڪيلي
نائون مل وارو اولاد
تر لاڙ سرو....

رولو راهزن راڙ ڪري تو
پاڙيو گهر جي پاڙِ ڪري تو

جُوءِ ۾ جَوءِ سان جاڙ ڪري ٿو
جلي جهري جڳ جو جلاد
ٿر لاڙ سرو....

ويسه جي ويڙهاند وڙهو ٿا
پورا قومي پرم پڄو ٿا
ڏَڪيو ڏِڪيو ٿا پوءِ به وڙو ٿا
عجب اسان وارو اعتقاد
ٿر لاڙ سرو....

ڪلڪ، قلم، ڪانو پي ڪَٿَ ۾
سونٽو، بانٺو، سينهون سٿ ۾
جيڪو "تبسم" جنهن جي هٿَ ۾
هليو هلي قومي ويڙهاند
ٿر لاڙ سرو وچ زنده باد
ماتر پومي جهومي ڳائي
پڳ پڳ ٿيو پائنده باد......

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

◉

ڪراچيءَ جي ڳلين ۾ ماڻهن جا ماري
ڪوهستان تر ۾ پکين جا شڪاري
نالين جي نشاني تي جيوت نچي پيو
رتل سنڌ ساري بهاري بهاري...

رڳو ڏوه پلجي رڳو دوه پلجي
مندر مسجدن ۾ صرف موه پلجي
اهڙين مصلحتن ۾ اسان چو گذاريون
اسان جي آ، زاري بهاري بهاري...

ڪارونجهر ثقافت جو اهڃاڻ آهي
ترين ۽ تريلين جو جڻ ماڻ آهي
ڪڏي مور جنهن ڪور تي پئي ٺهوڪيو
انهيءَ تي به آري بهاري بهاري...

داداگيري، دهشت، عداوت لچالت
چئني پاسين لاشا، چئني پاسي وحشت
ڪجاڻ معاف جيون، اسان جو اجان پي
جيئڻ جهد جاري، بهاري بهاري...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الڳ ڏيڍ سر جي سين جي جهڳي آ
سڄي قوم ڪي ڪا نظر وئي لڳي آ
ڪو قومي وچن، گڏ رهڻ واري غيرت
پنهنجي نہ تہ اُڌاري، ٻهاري ٻهاري

هُنن جي اوباشي عياشي تي سڏجي
۽ آوارگي ياري باشي تي سڏجي
انهن جي ڪا ناري جي چاهي تي ڪنهن کي
نہ قتلام، ڪاري، ٻهاري ٻهاري...

"تبسم" قلم واتَ جو ڪجھ تکو آ
مگر ڏاڍ سان گڏ رهڻ يي ڏکيو آ
ڪجو معاف جذبات ۾ جي چئي ويو
اوياري لهنواري، ٻهاري ٻهاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۞

مان تو ۾ ۽ تون مَن مون ۾ گم،
اِڪ نيت ڪري پئي لوڪَ ڏٺو،
تن منجھ نئين ڪا تارَ وڳي،
چمڪار ڪري پئي شوق ڏٺو.

هُتِ چينٽن جا مَن ڪيٽَ ڪڙيا،
هِتِ تنهنجا وڪوڙيل وارَ ڇڙيا،
مان چيٽ جا ڪِڙندڙ ڪيٽ ڇڏي،
تنهنجا زلف چميا، مون ڪي ذوق ڏٺو.

جيءُ جيءَ سان جُڙيو جولان اُٿيا،
ڇَرَ ڇوليون ڇُليون طوفان اُٿيا،
جَل ٿل جاني جوبن جهوميو،
سُڪَ سونهن ڪري، ساڙي سَوڪَ ڏٺو.

مَنُ مست ٿيو، مچ ڪوڙ مِتا،
تَن ترڪي اُٿيو تندُور تتا،
’تبسمَ‘ جذبا جهلجهن ئي نتا،
شوق ڇوهَ ڪيا، لڙُ لوڪَ ڏٺو.

۞



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نثري نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# او ساقي بند نہ ڪر ڪڙڪي

اڄ رات بہ
تنھنجين ڳالھين کي
نئين طرح اُجاريندا لمحا
ڪي دل جا اڪا
اُڏري پوندا
اُتلي پونديون سڀ ساروٽيون
او رات!
ڪي پل ترسي پئجانءِ
تنھنجو تہ اڃان اتھاس کپي
ھي پل پل تنھنجو پويان مان
مان پياسو ھان
بہ تاس کپي
او ساقي! بند نہ ڪر ڪڙڪي
ڪا مئي
نہ تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مئي جو واس ڪيپي
من جنم جنم ڪان اُجيارو
ڪا دير تہ تنهن کي
شانت ڏيو

اا
جهٽ ڪن پنهنجين
يادن جي
طوفانن کي ڪا سانت ڏيو
نيپوڙيو نہ
منهنجن ساهن کي
ڪا دير تہ
ساهي ڏيو مون کي
مان ساهُ پٽيان
ڪا واءُ جهٽيان
هي درد جو
مون کان آهي گهٽو
تنهن کي
ڪنهن ڪاهيءَ منجهہ لٽيان
مان پيي تہ ڪو
آخر ماڻهو هان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن دشت جي واٽن تي پٽڪي
ڪنهن ڇانوَ ۾ ويهڻ چاهيان ٿو
هن پورنماسي راتين جا
هن چنڊ، اُفق ۾
جهاتين جا
ڪي عڪس چِٽڻ دل چاهي ٿي
تون مون کان
منهنجا خوابَ نہ کس
اي دوست
سيئي ادراڪ نہ کس
اڄ
رات
تہ
تنهنجين ڳالهين کي
نئين طرح
اُجاريندا لِما!
او رات اچان
ترسي پئجانءِ
ڪي گيت پنيرڪيءَ جا ڳايان
۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن جون
منزليون
ساروٽيون
هن جهونجهڪڙيءَ جو جهونگاريان
مان شاعر هان
مان راڳي هان
ڪن جهوراٽين جا گيت لکي
گونجار ڪرڻ ڪا چاهيان ٿو
من- پيڙا مارڻ چاهيان ٿو

مون ۾
اظهار جي شڪتي آ
مَنُ ناچو آ، تن ڀڳتي آ
اي رات، جي
پل روڪين پنهنجا
۽ منهنجا جي آلاپ ٻڌين
ميران ۽ ڀڳت ڀي ٻڌا هوندءِ
هي درد سين جو ساڳيو آ
ڪو آ ڳو آ
ڪو پيچو آ
هر انت ماٺهوءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر جو
پڳوانَ ۽ پُڄاريءَ
مندر جو
ڪنهن ڪان نہ لڌو
ڪو ٻيو نہ ٻُڌو
توڙي هر ماڻهو بنواسي
جيون جي ڪشٽ ڪي جهاڳي تو
تڙڳي ساگر ۾ تياڳي تو
پر پوءِ ٻيو
سارو تاسارو
جر جي ڳولها ۾ ويچارو
من جنم جنم ڪان پياسو آ
او ساقي
بند نہ ڪر ڪڙڪي!
ڪا مئي
نہ تہ
مئي جو واس ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڌرتي ھاڻي ڌڳڻ ٿي گھرجي

اڇو جھول پنھنجا
ڀري سڀ گُلن جا
ھماليہ جي اوچائيءَ
اُتاھينءَ تي ويٺي
ڀليڪار چئون
سال جي نئين صبوح کي
وڇايون گلن جو پٿيون
چؤڏِگن تي
ڪي مُگرا ۽ رابيل
در در ورھايون
ڏسي ڀل زمانو
۽ ڏي داد مرڪي
تہ ڪا قوم
مھراڻ جي ماتريءَ جي
وسي پئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسي پئي
ويساهن کي ڀوڙي
ڀڏي پئي
ڪڏي پئي
صدين جي قصن تي
جيئي پئي
ڪنهن تاريخ جي
چند پنن تي
ڪنهن دودي
ڪنهن هوشوءَ
جي
معرڪن تي
اسان پنهنجيون ناسون
ڦنداريون وتون ٿا
هو آدرش،
قومي تقاضائون
جن کي
پنهنجن ئي پيرن هيٺان
چيپاٽيون ٿا
۽ آدي جڳادي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويساهن کي ڀوڙي
اڃان ٻي جيئون ٿا
اڃان ٻي کلون پيا
هو ٿنڌي ٻهاول
جا
ويران رستا
جن تي
مائي جنڊوءَ
جي
حاڪمن ۽ زيبل
ڪنهن ڀاڳهل
ڪنهن بختيءَ
جي ٻي جوڻ ٻڄي
وري ڏاڍ ڏهڪاءُ
للڪارين ٿيون
مکي ڀيلي جون
کي ڀ
گجندڙ ڇرياٽيون
هن ڌرتيءَ جي
ويرين تي ڏڏڪار ڪن ٿيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ پنھنجي ڪڙم جا
ڪٺي مير جعفر
انھيءَ ڪي
امن لاءِ ھاڃو سڏن ٿا

۽
دربار شاھي جا جملي حواري
٢٠ سيپٽمبر
جي اونداھيءَ ۾ ڪسندڙ
ڪنھن پڳدار پٽ جي
لٽيل قافلي ڪي
بہ قانون جي بالادستي چون ٿا

۽
قانون جنھن کي
ھن مسند نشينن
جتين ھيٺان
جڏھن بہ چاھيو لتاڙيو
ڪينھوڙي جيان
پئي ڪڏايو ۽ نچايو
ھي
قانون ڪڏھن تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بڙ جهڙي ماٺهوءَ کي
جهندي جلائڻ ۾ زندان ڏني ٿو
۽ بعضي
رنجيت سنگهه جي پوتر زمين تي
مقدس ايوانن ۾
قائد جي تصوير
پيرن هيٺان لتاڙي
لتاڙي وڃي ٿي
۽ قانون
مرڪي نٿائي ڇڏي ٿو
اهڙي هن منافق سينواريل
فضا ۾
اسان پوءِ ٻه سڪٽين انائن کي گهلي
قبيلن ۽ ذاتين ۾
ورڇيا وتون ٿا
انهيءَ ڪان سٺو آ ته
چئون آسمان کي
هن ڌرتيءَ کي هاٺي
ڏيڻ ٿي ته گهرجي

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# او وڻجارا

او سونهن ۽ سوڀيا جا شاعر
او ذات ڏٽي او وڻجارا
هن يومي ۽ جا
ٻارا، تارا
نڙ، نادَ، نفيلون توتارا
جن کي تو ڪلا ۾ جِلا بخشي
سي سڀ تنها تنها اهن
دادو- موري جي پل وٽان
هر شام شفق جو
سڏڪن ٿا
سوچون، واڪا سڀ پٽڪن ٿا
اي ڇپرن، مَنهِن جا
شاعر
ڌرتيءَ سرتيءَ وارا
ساحر
تنهنجن لفظن جي لهري ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو گيت ٻڌي ايري نڪتو
سو ڄڻ تہ امرتا ويو ماڻي
هر سٽ ۾ سڏڪا
گيتن جا
۽ وايون
ڪلما باغيءَ جا
ڇا تنهنجن لفظن جو جادو
جهومي پيو
لاڙ ۾ سرو ۾ دادو
او باغي گيتن جا شاعر
ب ۾ ٻ ۾ ت ٻولن جا شاعر
آءُ ڪيئن ميچيان
تون هيل پنهنجين
واين ڪان وڇڙي ويو آهين.
هن ٻونءِ جي
تارن ۾ ٻارن سان
آئون ڪيئن ميچيان
تہ ڪٿو ناهين.
ڪينجهر ۾ منڇر جي لهرن سان
سنڌڙيءَ جي سانجهہ سويرن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن ميڙ ۾ پنهنجن راڳين سان
هُن گوڙ ۾ ساز سوادن سان
گونجار ڪيون جو بيٺو آن
ڪُنڊَ ڪنڊ ٻخاري تي گونجي.
ڌرتيءَ جا يار
جمالا چئي،
ٻوليءَ کي نوان استعارا ڏئي،
"استاد"
امرتا وئين ماٺي
هر جوڙِ ۾
بيٺو ڳالهائين
پر ڏاڍو وڏو
سياڻو آهين
گيتن غزلن ۾
بيتن ۾
هر جند کي
بيٺو جهومائين
او سونهن ۾ سوڀيا جا شاعر
استاد امر تي ويو آهين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جھونو وڻ جُھري پيو

ڪارونجھر پري پيو
لھوءَ لھوءَ ۾ ليٽرَيل
ڪو سج اُرسيءَ لٿو
ته
رات ڪَرُ ڪٽي ڏٺو
۽ تيو گمان گاج ڪي
ڪا سانت ڪاٺ پئي ھٽي
ننگر جي سھٽي
سر زمين ڪي
ماتِ جاٺَ پئي ھٽي
ڪي نورَ ۽ ازل ڪان وٺي
پپل جي پاڙ تاڙ ۾
وقت واءُ سان ملي
اندر ۾ ڪوٽ ڪي پري
وفا جي آڙ ڏئي ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڳاد ڪان
اڳي جو مي
جبل تا جهوريندا وچن
هو پيل پنهنجي پاڙ کان
ڏسو
اکيڙيندا وتن
پريان ڪتان
هُو گهاٽ مان ڀڏو
ته رات جون رڙيون
ڪا سونهن
ڪرڙيون پئي هٽي
اجل کي روبرو ڏسي
عجب ڀوائتي طرح
هو ديل سيند پئي هٽي
ڀتون ۽ ڀرت
سڏڪندي
چون پيا او ظالمو
مسافرن جي ڏيهه سان
اوهان جو
هيڏو وير ڇو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اونداهين جي
ديس سان
او روشنين جا رهزنو
اوهان جو هي
انڌير ڇو؟
اسان جون اکَ ڦلين جيان
اڳيئي ڪوڙيون زندگيون
وري انهن ۾ حاڪمو!
ٿوهر ۽ ٿوهَ جون سُيون
هي ڇو ٽيوئيندا وتو
پٿن جو هي ذرو ذرو
جو بوند بوند لاءِ سڪي
۽ پيٽ پاسيريون
رڳو ڳِين ڪي
ڳولهينديون وتن
اهڙيءَ تتلَ حيات ۾
هي اپَلَ
جبل- ڇانورو
اهو ٻہ تا ڪسيون ويحو
آهي ڪو ڪائنات ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو
هيڏي هن اَنياءَ تي
ٽريلين جي گهاءَ تي
اٿي ڳٽائي
احتجاج
ڏونداڙي
جڳ- ضمير کي
۽ مايا موه جي
پٺيان صدين جي
هن ثقافتي
قتل کي روڪيو وڃي
جو
اڳتي تر ڦلار ۾
ڪنهن ٻه چيٽ ٻار ۾
نه سونا سنگ جهولندا
نه چندرما سان ڪورَ تي
ڪي چيٽ چاندنيون لڪي
ڪنديون ڳجهن جو ڳالهيون
ڪنهن برکا رت ۾ مست ٿي
نه هوندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ نہ تلندي
ڪا ڏيل پنهنجي مور سان
نہ ٿي
اُماس رات ۾
ڪا ٻجهبي
راڙِ مورَ جي
او لوڪو
اک پٽي ڏسو
ٻڌو
تہ ڪيئن
مشنيون
ٽيون سونهن ڪن ذرا ذرا
جڳادري ڪلن پيا

۽
ڪاروڃهر پري پيو
جڳن ڪان چانورو ڪنڌڙ
هو جهونو وڻ جهري پيو
هو جهونو وڻ جهري پيو

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اي هم رفيقو

چئو حوصلن کي
هلو تا
تہ هلندا هلو
منزلن ڏي
گهٽائون جي
گهنگهور آهن
تہ چاهي
ٻ چوواٽا
چڪچور
آهن تہ چا ٿيو
نہ سهڪو
سفر ۾
نہ پوئتي نهاريو
نہ ساريو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خزائن
بهارن
جا ليکا
نہ گرمين، جون لهسون
نہ سردين جا سيڪا
وڏو
ها
وڏو
جو
اڃان پنڌ آهي
مسافت چوي پئي
تہ
اي
همہ رفيقو
ڪٿو پير
جو
ڪجھ
اڃان ڏنڌ آهي
ها پر
ڏنڌ پويان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرادون
ٽيون مرڪن
نہ
دل لاهيو
ڳايو
همرچو، همرچو
گونجاريو
فضائن ۾
نعرا وفا جا
پڪاريو تہ پاتال
ٻاري
ڏياٽيون
هلو ٽا تہ هلندا هلو منزلن ڏي
گهٽائون جي گهنگهور آهن تہ ڇاهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چيچنيا پرين جو ديس

او جيءَ اُتي،
هُن پار هلون.
هي پارُ وڄون ۽ جرڪا آ،
هن ڌرتيءَ جو گولو سارو،
سنسان ۽ سڏڪا سڏڪا آ.
هو ڪالھ جو ڏيھ هو،
خوابن جو،
جهرمر جهرڻن،
۽
ڪرڻن جو،
پرين ۽ پرين زادن جو،
اڄ سارو لاشا لاشا آ.
تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاڪ ريو،
هڪ خواب نگر،
آدرش ٽٽي پيا ماڻهن جا،
۽ نير ڪٽي پيا نيڻن جا.
هر طرف،
لهوءَ جو هبڪارون،
فيڊر ۾ کير نہ
خون ڀريل
ٻالڪ جون پوءِ ڀي ٻچڪارون،
هون هون جو
ٻاتيون هونگارون
ڪيئن ماءُ صدائون ورنائي،
يا ڇاتيءَ ساڻ اُٿي لائي،
عضوو نہ مليل آ،
عضوي سان
تا حَدِ نظر هو ماس ڏسو،

۽
لاش پسو شهزادن جا،
ڪو ڀي تہ نہ آ،
جو ڪنهن کي اُٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن برف جي
وادين ۾ ڳولهي،
ڪوهه ڪاف
سڄو لرزان آهي،
هي ديس نه ڪو شمشان آهي،
ڪردار نانيءَ جي قصن جا
قتلام ٿيا سنگينن سان
فلسطين ۽ بوسنيا
وانگر،
چيچنيا جو هر هڪ چوواٽو،
منظر آ،
شامِ غريبان جو،
باقي ڇا رهيو
هن ڪلجڳ ۾
اوجيءَ اُٿي هن پار هلون.

◉



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book